

ٻال ساهتيه جو وڪاس

هوندراج ٻلواڻي

ـــال ساهتيه
جـــو
وڪـــاس



□ هوندراج ٻلواڻي

فهرست



BAL SAHITYA JO VIKAS

(Critical Essays on Sindhi Children's Literature)



☐ HUNDRAJ BALWANI

14 November 1986

Price : Rs.

Printed at :
Hemnani Ptg. Press,
Bachubhai Estate, opp. Memco,
Naroda Rood, Ahmedabad.

Published by:
Hundraj Balwani,
~~761/5, Textbook Board Qrts,~~
~~Sector-24 Gandhinagar-382023~~



Published with Financial Aid of
Gujarat Sahitya Akademy,
Gandhinagar.

ٻال ساهتيہ جي اهميت

ڪنهن به ٻوليءَ جو سٺو ٻال ساهتيہ ان ٻوليءَ جي ٻارن جو مانسڪ وڪاس ڪرڻ ۾ مددگار بڻجي ٿو. صحتمند ٻال ساهتيہ هڪ سٺي اتساهڪ جو رول ادا ڪري ٿو. اهڙو ٻال ساهتيہ اتساهڪ جيان ٻارن جي سمجهه شڪتي، گيان ۽ معلومات ۾ اضافو آڻي ٿو. سٺو ٻال ساهتيہ ٻارن جي چرتر نرماڻ ۾ به پنهنجو اهم رول نڀائي ٿو. ننڍپڻ ۾ پڙهيل ڳالهين جو ٻارن تي تمام ڳوڙهو اثر ٿئي ٿو. نازڪ عمر ۾ سندن دماغ هر ڪنهن ڳالهه کي سولائيءَ سان جهٽي سگهي ٿو. تنهن ڪري جيڪڏهن ٻارن کي سٺو ناگرڪ بڻائڻو آهي ۽ منجهن اتساهه، فرض ادائي، ٻردباري، اخلاق، راشٽر ڀاونا، ديش پريم، حب، نڀرتا، ايڪتا جهڙن گڻن جو ٻج ڇٽڻو آهي ته ان لاءِ سٺو ٻال ساهتيہ هڪ روشن منار جو ڪم ڪري ٿو.

اهو به وقت هو جڏهن سنسار ۾ ٻار جي آمد گهڻي سار سنڀال نه طلبيندي هئي. ٻارن جا مٽ مائٽ ٻارن جي ڀاونائن ۽ جذبن طرف ايڏا سجاڳ نه هئا. ڪالهه جي ٻار کي اسڪول ۾ ماسترن جا رُول کائڻا پوندا هئا. پر جيئن جيئن دنيا ترقي ڪئي آهي تيئن

— ٻال ساهتيه جي سنڌيءَ ۾ کوٽ. سڄي ٻال ساهتيه جي اڃا به وڌيڪ کوٽ. ٻال ساهتيه جي تنقيد ۽ اوک ڊوک تي لکيل ڪتابن جي ان کان به وڌيڪ کوٽ! ان کوٽ جي پورائي طور منهنجي هيءَ نماڻي ڪوشش.

— سمجهان ٿو ٻال ساهتيه جي ڪن پهلن جي هن ڪتاب ذريعي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. سنڌيءَ ۾ ان قسم جو شايد هيءُ پهريون ڪتاب آهي.

— هيءُ ڪتاب سنڌيءَ جي سموري ٻال ساهتيه جو جائزو يا اتهاس نه آهي. محض ان جا ڪي ڪنڊون ڪنارا آهن. الڳ الڳ مضمون آهن.

— رايا ملندا ته خوشي ٿيندي.

— هوندراج ٻلواڻي

ڀارتي ڀاشائن جي ٻال ساهتيه ليکڪن ۽ سمپادڪن بنا ترڪ واريون، اڻ وشواسي ڪهاڻيون نه لکڻ ۽ نه ڇپڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. انهن رچنائن جو اڀياس ڪري ٻارن جي نفسياتي ترقيءَ کي نئون موڙ ملي ٿو، ان ۾ شڪ نه آهي.

ٻال ساهتيه ۾ گيتن ۽ آکاڻين جي اڪثريت ڏسڻ ۾ آئي آهي، ليڪن وشو درشن، وگيان ۽ جاگرافيءَ جهڙن وشين تي به عام ڄاڻ ڏيندڙ مصالح ٻارن کي ملڻ گهرجي. فرصت جي وقت ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ نيون نيون ڳالهيون سکڻ لاءِ ڪهڙيون ڪوششون ڪرڻ گهرجن؟ اهڙن وشين تي به ساهتيه لکڻ گهرجي. ڪن ليکڪن جاسوسي آکاڻيون به لکيون آهن. انهن جو مقصد اهو رهيو آهي ته ٻارن جي سمجهه شڪتي ۽ ڄاڄ شڪتي وڌي ۽ هو هن رنگ بدلجندڙ دنيا کي سمجهي سگهن ۽ آفت يا مصيبت جي وقت پنهنجو بچاءُ ڪري سگهن. اهڙا ليک اها به ساوڌاني رکندا آهن ته ٻارن ۾ هنسا ۽ مارڌاڙ جي ورتي نه پيدا ٿئي. ان ۾ ڪوئي شڪ ناهي ته تندرست ۽ ادڀش پورڻ ساهتيه جي اڀياس سان ٻار مانسڪ طور ٻين ٻارن کان اڳتي رهندا آهن ۽ جيون جي گنڀيرتا کي سمجهي سگهندا آهن.

سنڌيءَ ۾ هن وقت چڱو ٻال ساهتيه ڇپجي رهيو

ٻارن جي، سار سنڀال لهڻ لاءِ وگيانڪ ۽ منووگيانڪ ذريعا ڳولهيا ويا آهن. ٻارن جي استٿيءَ ۾ سڌارو آيو آهي. اڄ اسڪولن ۾ ٻارن کي رول ڪانٽا نٿا ٿيون. ٻارن جي سُوجهه ٻُوجهه وڌي آهي. اڄ جو ٻار ڪنهن به ڳالهه کي بنا منطق (Logic) جي اکيون ٻوٽي قبول نٿو ڪري. جيون جي هر پل بدلجندڙ قدرن (Values) دان اڄ جو ٻار بي خبر نه آهي. هن وقت هر ڪنهن ڳالهه جي سکڻ جي اُتسڪتا آهي. نيون نيون ڳالهيون ٻڌي 'ڇو ٿيو ۽ ڪيئن ٿيو' جي سوالن سان انهن کي سمجهڻ جي انتظاري آهي.

ٻارن ۾ ايڏي تبديلي آڻڻ لاءِ ٻال ساهتيه دوارا ڪوششون ڪيون ويون آهن. ڪالهه جو ٻار جني جن، ڀوتن، ڏائڻين، ديون ديوتائن ۽ پرين وغيره جون من گهڙت آکاڻيون پڙهندو هو، اتي هر ڀاشا جي سڄاڳ ٻال ساهتيڪارن انهن من گهڙت قصن ڪهاڻين کي بلڪل ئي زمين دوز ڪري ٻارن ۾ نون نون وشين ۽ ٻالڪن دوارا سڄاڳي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هنديءَ جي ٻال ساهتڪار ڊاڪٽر هري ڪرشن ديوسري ۽ ٻين ليکڪن نون وشين تي بلڪل ئي سهڻي ۽ وڻندڙ ٻوليءَ ۾ تمام گهڻو ٻال ساهتيه لکيو آهي. هندي ۽ ٻين ڀاشائن ۾ نڪرندڙ ٻارن جي مخزن "چمڪ" ۽ ديون پرين جون آکاڻيون نه ڇپڻ جو شروع کان ئي قسم کڻي ڇڏيو آهي. اهڙيءَ طرح اسين

هڪ راجا هو. هڪڙي ڏينهن شڪار تي نڪتو. جهنگل ۾ هڪ هرڻ ڏٺائين. گهوڙي کي سندس پٺيان ڊوڙائائين. پر هرڻ نه ڄاڻ ڪيڏانهن غائب ٿي ويو. راجا کي رستي ۾ هڪ سادو مليو. سادوءَ راجا کي جادوءَ جي هڪ لڪڙي ڏني ۽ چيو ته هن لڪڙيءَ کي هوا ۾ گهمائيندين ته تنهنجي هر ڪا تمنا پوري ٿي ويندي. پوءِ راجا لڪڙي کي هوا ۾ گهمايو ته...

اهڙي طرح ڪنهن ڪهاڻيءَ ۾ جادوءَ جو ورڻن هوندو آهي ته ڪنهن ۾ جادوءَ جي بنسري. ڪنهن ۾ وري جادوءَ جو ڏنڊو هوندو آهي جيڪو دشمن مٿان مار جا وسڪارا ڪندو آهي.

ٻال ساهتيه جيڪڏهن تندرست آهي ۽ ٻار جي ماحول ۽ وقت سان ٺهڪندڙ آهي ته ٻارن تي ان جو گهرو اثر پوندو آهي.

سنڌيءَ جي ڪيترن ليکڪن سٺو ٻال ساهتيه رچڻ ۾ ڪوششون ضرور ڪيون آهن.

موهن ڪلپنا جو 'سرڳ جي ڳولها'، جيوت گوگيا جو 'ڏاڏيءَ جون آکاڻيون'، گوورڌن ڀارتيءَ جا 'لاليون' ۽ 'ننڍين اسٽي'، واسديو نرمل جو 'اما لوکي ڇو آهي؟'، هري دلگير جو 'مزيدار گيت' وغيره. سنڌي ٻوليءَ جي ٻال ساهتيه ۾ سٺو اضافو آهن. وشنو ڀاٽيا ۽ اشور چندر جهڙن ليکڪن به ٻارن لاءِ ڪيتريون سٺيون آکاڻيون لکيون آهن. اهڙن اديبن

آهي. تنهن هوندي به، سٺي ٻال ساهتيه جي اڃا کوٽ آهي. ٻارن جا ڪجهه رسالا جهڙوڪ گلڙا، شانتي، گلابي گلڙا، جهرمر، ٻبلو، گلشن، گل ڦل وغيره ٿورو ٿورو عرصو هلي بند ٿي ويا آهن. فقط 'ڦلواڙي' ۽ 'گلستان' گهڻي عرصي کان نڪرندڙ آهن. ويجهڙائيءَ ۾ 'گلدستو' ۽ 'ٻال منچ' رسالا به شروع ٿيا آهن. گلستان پبليڪيشن ۽ ٻاراڻو ادب کان سواءِ ٻي ڪا به پبليڪيشن ٻارن جا ڪتاب نٿي ڇپائي. اهڙي حالت ۾ سڀ کان پهرين ضرورت ته ٻال ساهتيه جي جهجهي تعداد ۾ پرڪاشن جي آهي.

اهو ٻال ساهتيه سٺو هجي، اهو به ضروري آهي تنهن ڪري جيڪي به دوست ٻال ساهتيه لکڻ جي اڃا رکندا هجن تن کي ٻين ٻولين جي ٻال ساهتيه کي ۽ ۽ ٻال ساهتيه ۾ ٿيندڙ تجربن ۽ وشين کي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي. ائين نه ٿئي جو جتي ٻين ٻولين جا ٻار مانسڪ طور گهڻو اڳتي نڪري وڃن اتي سنڌي ٻار ڏيون، جن ۽ راڪاسن جي آکاڻين ۾ الجهيل رهجي وڃن.

ڪي ليکڪ ٻال منووگيان کي سمجهڻ کان سواءِ اهڙيون رچنائون لکندا آهن جي حقيقت کان گهڻو پري هونديون آهن. اهڙين آکاڻين ۾ عام طور جادوئي چيزن جو ورڻن هوندو آهي. ڪجهه هن طرح:

ھاڻي مل اچي محبوب سان،
دل کي آ ڪافي ڏھڍو انتظار.

"ٻارڙا" جي ٻئي ھڪ انڪ ۾ اھڙو ئي ھڪ ٻيو شعر:

چئي لڪ تون صرف ھڪ وار،
ان کي ٿي ڇمڊس مان ھزار ٻار.
ڪاڻ ٻيڻ ٿي وڃو آ بيڪار،
چئي لڪ تون صرف ھڪ وار.

ڪياسين لڪين ۽ سوين واعدا،
ڪونہ ٿيا ان مڃھان فائدا.

آھي موڪي تو ۾ ٻورو وشواس؛
ڪونہ ڪنداءِ، ان جو گمان.

ڪالھہ ڪ چتر ويٺو ناھيان،
عجيب عجيب وٺس ان کي ٻڙاٻان!

چتر ڏھڍي کي ڪراڻان سوين سڀدگار،
اندر اندر ٿو ڪريان انڪي پيار!

ھن نوڀن جي ٻال ساھت جي کي مخزنون ٻاي ڪٽي مشر جي چونڊ صحيح نموني نہ ڪندا ٻون ھن ٻا گنڀيرتا جو رخ نہ اپنائيندا ٻون ھن، ٻسو ھن طرح عشقيہ شعر چوڻ جي تہ ڪڏھن ۾ غلطي نہ ڪندا ٻون آھن. ٻر سنڌيءَ ۾ ڪا جھل پل ڪانھي!

لوڪ ساھتيہ جي ۾ اسان وٽ سخت اڻاڻ آھي، جنھن لاءِ ڪوششون ٿيڻ گھرجن.

کي پڙهندي ڄاڻيءَ جي ٻارڙن لاءِ ريگيولر لکڻ گهرجي.

هاڻي اچون مخزن جي ڳالهه تي. سنڌيءَ ۾ هڪ طرف دائمي طور ڪا به مخزن هلائڻ جيڪڏهن ڏکي آهي ته ٻئي طرف ٿوري وقت لاءِ مخزن ڪڍڻ ۽ پوءِ بند ڪرڻ بلڪل سولي ڳالهه آهي! اهڙن سمپادڪن کي جڏهن ٻارن جي مخزن ڪڍڻ جو شوق ٿئي ٿو ته ان مان اسانجي ٻال ساهت کي گهڻو ڪجهه وڃائڻو پوي ٿو. ٻارن جي مخزن جي ايڊيٽنگ ڪرڻ هڪ نازڪ ڪار به آهي. ان ڪري ٻارن جي سونهپ ڪرڻ انهن سمپادڪن جو مکيه سڌانت هئڻ گهرجي. پر گهڻين حالتن ۾ ائين ڏٺو ويو آهي ته مخزن ٻارن لاءِ آهي پر مٽر وڏن لاءِ ڏنو پيو وڃي. ٻارن جي مخزن "ٻارڙا" ۾ عشقيه شعر ڇپي سنڌي ٻارن کي جهٽ پٽ ۾ بالغ بڻائي ڇڏيو. مثال طور هيءُ شعر ڏسو:

1- بنا ڏني ڪيو آ توسان پيار،
تاهي دل ۾ تنهنجي خيالي تصوير
ڪريان ٿو مان توسان پيار،
مون کي پڪ آ تون نه ڪندينءَ انڪار.

2- رات جي تنهائي تڙفائي ٿي،
تو بنا چاندوڪي شرمائي ٿي

سواگت ڪيو ويو آهي. هتي ڀارت ۾ به اهڙيءَ طرح ٻارن جو لوڪ ادب جيڪو به ملي، جتان به ملي گڏ ڪري ڇپائڻ گهرجي جنهن اسانجو اهو ادب اڳتي هلي نشٽ نه ٿي وڃي.

اسڪولي جيون ۾ ٻارن کي جيڪڏهن صحيح مارگ درشن ملي ته هنن جو ڌيان ساهتيه طرف آسانيءَ سان ڇڪائي سگهجي ٿو. اسڪولي جيون آهي پيڙهه جو پٿر. جيڪڏهن ننڍپڻ ۾ ٻارن کي ادب جو شوق جاڳيو ته پوءِ عمر ڏانئين قائم رهندو. ڪي ٻار وڏي هوندي پڻ ڪٿي پنهنجن ڌنڌن ڌاڙين ۾ مشغول رهي ساهتيه کي پاسيرو ڪري ڇڏيندا پر ان هوندي به ڪيترن ٻارن ۾ شوق آخر تائين يا لمبي عرصي تائين رهندو. جيڪڏهن ٻارن کي پنهنجي ساهتيه، ٻوليءَ ۽ ڪلچر جي ڄاڻ هوندي ته پنهنجي ٻوليءَ ۽ جاتيءَ سان سندس آتمڪ لڳاءُ رهندو. ان ڪري اسانجي جاتيءَ جا ٻار جيڪي سڄي هندستان ۾ ڪٽي جي روپ ۾ ڦهليل آهن تن ۾ ايڪمشتي آڻڻ لاءِ ۽ پنهنجي ٻوليءَ طرف ڌيان ڇڪائڻ لاءِ ٻال ساهتيه هڪ سٺو ذريعو آهي. جي ڪڏهن هنن جي دل ۾ پنهنجي جاتيءَ جي وجود کي سمجهڻ جي ڀاونا نه هوندي ته پوءِ پنهنجي ٻوليءَ لاءِ ڇا ڪري سگهندا! تنهن ڪري شروعات

هر ڀاشا وٽ لوڪ ساهتيه جو خزانو هوندو آهي، جنهن مان ان ٻوليءَ جي تهذيب جو درشن ٿئي ٿو. ننڍي هوندي ٻار راند روند ڪندي ڪيترا گيت ڳائيندا آهن جهڙوڪ "ننڍڙي ڙي ننڍڙي اسين ٿيندا ماڻهو"، "ڪرڀلا ري ڪرڀلا، ڪرڀلن جي ڀاڄي، ڀاڄي بهت جي..."، "ايسي ڏي موري ڏي لعل ڪٽوري ڏي..." "سوٽ ببو سوٽ ببو واڙيءَ ڦٽو سا وات سا وات پاڻيءَ ٻوڙي...سو پاڻي سو پاڻي گهوڙا پيئن." وغيره. اڄ اسان سنڌين لاءِ واتاورڻ بدليو آهي. هيڏهن نه اهي پاڙا ۽ گهٽيون ئي نه آهي جتي ٻار اهي لوڪ گيت ڳائين ۽ اسانجو اهو خزانو قائم رهي. شهري واتاورڻ اسان کي اسان جي لوڪ ادب کان محروم ڪري ڇڏيو آهي. اهڙن لوڪ گيتن کي سانڍي رکڻ تمام ضروري آهي.

ان ڪانسواءِ ٻارن جون ڪيتريون لوڪ ڪهاڻيون ۾ اسان جون پيڙهيون اڳي نه ٻارن کي ٻڌائينديون هيون جن مان ٻارن کي اتساهه ملندو هو پر هيڏهن اهڙي فضا ۾ نه رهي آهي. ڪي وڏڙيون جن کي اهڙيون ڪهاڻيون ياد هجن انهن کان ٻڌي اهي ۾ گڏ ڪري ڪتابي روپ ۾ آڻڻ تمام ضروري آهن. سنڌ ۾ اهڙين لوڪ ڪهاڻين جا ڇهه ست وڏا جلد ڇپجي ظاهر ٿي چڪا آهن جن جو سنڌي ادب ۾

ٻال منووگيان ۽ 'سانجو ٻال ساهتيه

منووگيان آهي هلت چلت ۽ ورتاءَ کي سمجهڻ جي سائنس ۽ ٻال منووگيان آهي ٻارن جي وڪاس ۽ وهنوار کي سمجهڻ جو وگيان. ٻار ۾ سکڻ، ڄاڻڻ ۽ سمجهڻ جي گهڻي جگياسا هوندي آهي. سماج جيڪي هن کي سيکارڻ چاهي ٿي، ان جي رسمي ڄاڻ هن کي اسڪول دوران حاصل ٿئي ٿي.

پر حقيقت ۾ اها رسمي سکيا ٻار جي وڪاس ۾ ايتري مددگار نٿي ٿئي جيتري غير رسمي ڄاڻ. اسڪول جي چئن ديوارن کانسواءِ به ٻار جي هڪ الڳ دنيا آهي، جنهن ۾ رهي هو خوشيون ۽ آنند حاصل ڪري ٿو. هو ننڍي هوندي رانديءَ جا گهر ٺاهي ٿو، ساٿين سان راند ڪري ٿو. پٿرن ۽ ٺڪرن سان من پرچائي ٿو. آڳاٽيون ٻڌڻ ۾ رس وٺي ٿو. نيون نيون ڳالهيون سکڻ چاهي ٿو. چپن ۾ گيت گنگنائي ٿو. پنهنجي آسپاس جي ماحول کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

ٻار کي جيڪڏهن ننڍي هوندي کان ئي مناسب کاڌو، آرام، پيار، پنهنجائپ، لڳاءُ وغيره ملندو ته سندس ٺيڪ وڪاس ٿيندو. بدني ۽ مانسڪ به

۾ ٿي اسين ٻارن ۾ سٺو ساهتيه پڙهڻ لاءِ چاهه جاڳايون ٿا. ڏيري ڏيري هنن جي من ۾ جذبا ۽ اُمنگ پيدا ٿيندا. اڳتي هلي هنن کي پنهنجي ٻوليءَ جو ساهتيه پڙهڻ جو شوق جاڳندو ۽ هو خود خريد ڪري پڙهندا ۽ اهڙيءَ طرح سنڌي ساهتيه جي وڪري جو مسئلو به چڱو حل ٿي ويندو.

انهن کان سواءِ ٻار ۽ آڪاٽيءَ جو چولي دامن جو ساٿ آهي. ڪهڙو به ڪٺي حرڪتي ۽ رسٽو ٻار هجي، ڪيس آڪاٽي ٻڌائڻ لاءِ چئبو ته جهٽ ڪٺي ماٺ ڪندو. آڪاٽيءَ ۾ سچ پچ ڪو جادو آهي، جو هنن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو. ساڳئي نموني گيت به ٻار لئي وڏو اثر ڪن ٿا. سٺي طرز ۽ وڻندڙ ٻولن وارو گيت ٻار هميشه گنگنائڻ چاهي ٿو. اهڙا گيت ٻڌي به هن جي دل ۾ آنند جو ساگر ڇلڪي ٿو. ٻال ناٽڪ دوارا هو پنهنجي ڪلا جو مظاهرو ڪري ٿو. هن جي اندر رهيل ڳڻون ٻاهر اچن ٿيون سٺن. معلوماتي مضمونن مان هن جي گيان جو دائرو وسيع ٿئي ٿو. جيون چرترن دوارا هو دنيا جي اهم هستين جو پرڀاءُ پائي، انهن جي راهه جي پانڌيڙو ٿجي ٿو. اهيءَ ڪري ٿي ٻال ساهتيه جو اڀياس ٻارن لاءِ هڪ اهم ۽ ضروري چيز سمجهڻ گهرجي.

جي صحيح رخ ۽ قدرن کان واقف ڪري. هن جي ضرورتن، مقصدن ۽ چاهنائن ۽ اهم کي سنتوشي.

جيستائين ليکڪ ان ڳالهه ۾ صاف ۽ چٽو نه آهي ته هو ٻار کي ڪهڙي سماج جو ناگرڪ بڻائڻ ٿو چاهي يا اڄ جي سماج ۾ ٻارن کي ڪهڙن مسئلن کي منهن ڏيڻو ٿو پوي يا ٻارن جون ڪهڙيون ضرورتون آهن، تيستائين هو صحيح ٻاراڻو ادب نٿو لکي سگهي.

گهڻا ليکڪ ان راءِ ۾ مبتلا هوندا آهن ته هنن پنهنجي ننڍپڻ ۾ جيڪي ڪجهه ڏٺو يا انڀو ڪيو هو، اهڙو ئي اڄ جي ٻارن کي ڏنو وڃڻ کپي ٻر هو پنهنجي ننڍپڻ ۽ اڄ جي ننڍپڻ جي وڇوٽيءَ کي ڀلجي وڃندا آهن. تنهن ڪري اڄ جا گهڻا ليکڪ ٻارن کي اهڙو ساهتيہ ڏيئي رهيا آهن جن جو ملهه اڄ جي ماحول کان بلڪل علحدو آهي. ان ڪري هر ليکڪ کي رچنا جي موضوع، ڪردار نگاري، شيلي، بناوت وغيره جهڙن بنيادي عنصرن سان نباهڻ لاءِ سچيت رهڻ گهرجي.

ٻار کي سمجهڻ ۽ سٺي رچنا يا ڪتاب جي مفهوم کي سمجهڻ هڪ ئي سڪي جا ٻه پاسا آهن تنهن ڪري هر هڪ ليکڪ جو اهو فرض ٿي ٿو پوي ته هو رچنا لکڻ وقت ٻار جي عمر ۽ ماحول وغيره جي تقاضا کي ڌيان ۾ رکي.

اهائي عمر آهي جڏهن هن کي اهي سڀ چيزون ملڻ گهرجن. انهيءَ ئي عمر ۾ هن جي آزادي ۽ پنهنجو ٻاڻ تي ڀاڙڻ جي ورتيءَ کي اُڀاري سگهجي ٿو.

ائين چوڻ يا ائين سمجهڻ ته ٻار اڃا اڻ ٻوجهه آهي. هي ڇا سمجهندو. هي ته اڃا ٻار آهي؛ اها اسانجي وڏي ۾ وڏي غلطي آهي. ٻار جي من ۾ شروع ۾ ئي جيڪي سنسڪار وهجي ويندا آهن، سي اڳتي هلي سندس وڪاس ۾ مددگار يا رڪاوٽ بڻجندا آهن.

ٻار جڏهن تمام ننڍڙو آهي تڏهن کيس آکاڻيون ٻڌڻ وڻي ٿو. هو پنهنجي ماءُ، ناني يا ڏاڏيءَ جي واتان آکاڻيون ٻڌڻ پسند ڪري ٿو. سندس آکاڻيون ٻڌڻ جي چاهه مان وري آکاڻيون پــڙهڻ جو شوق پيدا ٿئي ٿو ۽ ان بعد هو جيڪي ڪجهه پڙهي ٿو، اهو ٻال ساهتيه ئي آهي.

ٻال ساهتيه سرجڻ هڪ اهڙي اهميت واري شاخ آهي جنهن جو لاڳاپو ان ٻار سان آهي جنهن جــي سروانگي وڪاس جي جوابداري ٻال ساهتيڪار تي آهي. ٻال ساهتيڪار کــي اهڙو ساهتيه رچڻو آهي جنهن وسيلي ٻار جي ڄاڻ ۾ اضافو ٿئي ۽ ان سان گڏ هن جو مانسڪ، تخليقي، ڀاونااتمڪ، سماجڪ ۽ اخلاقي وڪاس ٿئي. اهڙو ساهتيه ڏيڻو آهي جو ٻار جي شخصيت کي اُڀارڻ ۾ ڪارگر بڻجي. ٻار کي جيون

نون نون وشين تي نوان نوان تجربا ڪري رهيا آهن.
سنڌو ٻال ساهتيه لکڻ جي ڪلا ۾ اُڌيش رکندڙ ٻال
ساهتيڪار سڃاڻڻ ۾ اچي چڪا آهن. هندي ۾ جا ڪي
ٻال ساهتيڪار جهڙوڪ ڊاڪٽر هري ڪرشن ديوسري،
ڊاڪٽر راشٽر بنڌو، ڊاڪٽر شري پرساد ۽ شري جئه پرڪاش
ڀارتي ۽ گجراتي ۾ جا ٻال ساهتيڪار شري هريش نائڪ
۽ شري يشونت مهتا وغيره ٻال ساهتيه جي ٻوري
رنگ ۾ رنگيل ٻال ساهتيڪار آهن، جن ٻهڙيجين رچنائن
۾ نوان نوان رنگ ڀري ٻارن جي ساهتيڪ بک کي
متاثر ڪرڻ جون چڱيون ڪوششون ڪيون آهن. سنڌي ۾
۾ به ان نموني جون ڪوششون ٿيون آهن پر تمام
گهٽ. ان جو ڪارڻ اهو آهي جو اسان وٽ هونئن
ئي اصلوڪو ساهتيه گهٽ آهي. ڪو به ساهتيڪار
جيستائين اصلوڪو (Original) ساهتيه لکڻ جي
ڪوشش نه ڪندو تيستائين ان وٽان منوويگيانڪ
ساهتيه جي اميد رکڻ اجائي آهي. اسان وٽ تخليقي
ليکڪ ۽ چترڪار تمام گهٽ آهن. ڌن هوندي به
اسٽيج هرو ڀرو نراس ڪندڙ به نه آهي. سنڌي ۾
ٻارن جي منوويگيانڪ کي خيال ۾ رکي ٻاري گهڻو ساهتيه
نه لکيو ويو آهي انڌن نه ٻار جي امنگن، ڀاوناتن ۽
اظهارن کي خيال ۾ رکي سنڌو ٻال ساهتيه ڏيڻ
جون ڪوششون ڪيون ويون آهن. تمام ٿورڙن ٻارن

ٻار اڳتي هلي ڇا بڻجندو؟ ان جو جواب ٻارن جي صحبت ۽ سندس زندگيءَ جي ڪتابن کي ڏسي ڏيئي سگهجي ٿو. ٻارن کي سٺو ساهتيه پڙهڻ لاءِ ملندو ته سندن ٻوڌڪ ۽ مانسڪ وڪاس ٿيندو. ڪهاڻين جون گهٽنائون جيڪڏهن اڄ جي جيون ۽ ماحول سان ٺهڪندڙ هونديون ته ٻار انهن دوارا زندگيءَ کي سمجهي سگهندو. غلط ڇا آهي ۽ صحيح ڇا آهي، جي اوک ڊوک ڪري پنهنجي من ۾ مضبوط رايو قائم ڪري سگهندو. تنهن ڪري ٻال ساهتيه جي نرماڻ ۾ منووگيانڪ سدانتن جو خيال رکڻ نهايت ضروري آهي. اهو اهڙو هئڻ گهرجي جو ٻار جي اخلاق ٺاهڻ ۽ شخصيت کي سنوارڻ ۾ به مدد ڪري پر ان سان گڏ پنهنجي ديش جي سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ کان به ٻار کي واقف ڪري. جيون ۾ اڳتي هلي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ لاءِ به ٻار کي تيار ڪرڻ جو ان ۾ اُديش هجي. ان لحاظ کان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي ساهتيه ۾ فرق هئڻ گهرجي. ڳوٺ ۽ شهر جي ٻار کي الڳ الڳ ساهتيه ملڻ گهرجي.

ٻال ساهتيه جي ان منووگيانڪ پهلوءَ کي ڌيان ۾ رکي ٻارن جي جدا جدا ڀاشائن ۾ ۽ دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ اهڙو ٻال ساهتيه لکڻ جون ڪوششون ٿي رهيون آهن. نتيجي طور اڄ ڪيترا ٻال ساهتيڪار

ڪوي واسديو نرمل جي ٻال مونولاگس جو مجموعو 'اما ٽوٽي خبر آهي' پڻ ٻال منوگيان جي آڌار تي لکيل رچنائن جو هڪ لاثاني مجموعو آهي. اڪثر ڪري ماءُ پنهنجي ٻار کي ڪجهه نه ڪجهه ٻڌائيندي آهي، جنهن ڪلا پرڪاش جي "ممتا جون لهرون" ۾ ماءُ پنهنجي ٻار سان مٺيون مٺيون ڳالهيون ڪري ٿي ته واسديو نرمل ٻار کان ٻاراڻي نوع ۾ ڪانءُ، چنبڙ، لغڙ، ڪرشن، ٻلي، فوٽو، پولڙي، ڦوڪڻي، ڏاڏي، طوطي، ڳانءِ، ڏيهاري ۽ ٽارن وغيره جي باري ۾ ڳالهيون چوارايون آهن. هن "هاڻي مان ٻار ٿورو ئي آهيان" مونولاگ ذريعي ٻار جي اهم ۽ پاڻ کي ڪجهه سمجهڻ جي ڀاونا جو اظهار ڪيو آهي. نرمل جي انهن رچنائن ۾ ٻار جي آسپاس جي ماحول، اسٿتين ۽ حالتن جو بيان آهي.

ڊاڪٽر چندرسين ناواڻيءَ به ٻارن جي ڏانو جا ڪي ناٽڪ لکي ٻارن کي هڪ مجموعو ڏنو آهي 'پوسٽ جو ڊبو'. انتخاب جي سري واري ناٽڪ ۾ هن هڪ ٻار کي پوسٽ جي ڊٻي ۾ رکيل ڪيترن خطن جون ڳالهيون ٻڌائيندي ڏيکاريو آهي. خطن جي ڳالهين مان ٻار کي محسوس ٿئي ٿو ته خطن جو حال به اسان انسانن وانگر آهي جيڪي سڀ ڏينهن 'مان، مان' پيا ڪن. انسان جي ان ڪمزور پهلوءَ کي

لاءِ شري پرسرام ضيا ڪيترا ونڊڙ ٻال گيت لکيا، جي 'باغ بهار' سنگرهه ۾ شايع ٿيل آهن. ٻارن کي راند روند ۽ گهمڻ ڦرڻ جي موهه ۾ ڏسي ڪين روڪ ٽوڪ نه ڪرڻ گهرجي. ان نموني جي سمجهاڻي ڏيڻ لاءِ هو ٻار کان چوارائي ٿو:

ملي آهي موڪل گهمڻ ٿو وڃان،
نه روڪي مونکي ڪو، ٽوڪي مونکي
مان انب باغ مان اڄ پٽڻ ٿو وڃان
پڙهڻ ۽ لکڻ کي آهي اڄ جواب
گليءَ ۽ ڏکر سان کڏڻ ٿو وڃان.

ٻهڳڻي ڪلاڪار گوورڌن ڀارتيءَ کي ٻال منوورتيءَ جي خوب ڄاڻ آهي ۽ ٻال منووگيان جو گهرو اڀياس. تڏهن ته هن جون ٻال رچنائون ٻال ساهتيه ۾ اهري بيهن ٿيون. سندس آکاڻين ۽ گيتن ذريعي ٻارن جي ڪچڙن ڪومل دلين تي سٺا سنسڪار پون ٿا. هن جي رچنائن ۾ وندر به خوب سمايل هوندي آهي. مثال طور 'نئين بستي' مجموعي ۾ آيل سندس هڪ ڪهاڻي 'بجرنگ بلي' ان ڪهاڻيءَ ۾ هن راندڪن کي ڳالهائيندو ڏيکاريو آهي ۽ انهن ذريعي اڄ جي ماحول کي چٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ انهه ۾ مزيدار نموني هن سچ جي جهٽ ۽ ڪوڙ جي ڪٽ جو سندر سنديش ڏنو آهي.

ڪري منهنجي شاديءَ ۾ اچي شريڪ ٿيانءَ.“

ٻار کي هرڪا شيءِ گهٽي ڪهندي آهي، وڏي ڪهندي آهي. هوءَ شيءِ جو وڏو حصو وٺڻ لاءِ ضد ڪندو آهي. ٻار جي انهيءَ روش کي هونداج ٻلواڻيءَ 'ٻلار جنگ مشين' آکاڻي ذريعي اُڀاريو آهي جنهن ۾ رميش نالي ٻار ٻنهنجي ڀيءَ کان وڏي پينسل، وڏو نوٽ، وڏو اسڪيٽ وٺڻ چاهي ٿو ۽ ڀيءَ کيس اهي چيزون ميسر ڪري انهن جي بيڪار هجڻ جو احساس ڪرائي ٿو. ٻه سڀ راند راند ۾.

ٻارن لاءِ لکيل گيتن ۾ ٻه ٻال من جي اوک لوک لِيل آهي. جدا جدا شاعرن جا گيترا مجموعا آهن، جن مختلف وشين تي، ننڍڙن ٻارن وزن جي آڌار تي ٻال ڪوتائون رچيون آهن. ڪوي پيوس جا 'موجي گيت' هجن يا شري هري دلگير جا 'مزيدار گيت' هجن، ڪمل ٻياسيءَ جا ”ٽمڪندڙ تارا“ هجن يا روچي خواڻيءَ جا جدا جدا مخزن ۾ ڇپيل ٽڙيل پکڙيل گيت هجن. سڀني ٻنهنجي ٻنهنجي نموني ٻارن جي اخلاق ۽ مانسڪ وڪاس کي چڱين وچارن ۾ مرڪز ۾ رکيو آهي.

ڇپن ۾ الائي ڇو مشڪين ٿو دادا
اچا ٻار موڙيکي تون سمجهين ٿو دادا
جنم ڪالهه ٻابا: ”تون منهنجو نه ٻابا“

خطن جي دلچسپ بيان ذريعي ظاهر ڪرڻ ۾ ليکڪ ڪامياب ويو آهي.

شري جيوت گوگيا 'جوت' ٻارن لاءِ گهڻائي ڪتاب لکيا آهن. هن ڪوئن ۽ ٻلين کي ٻالر ٻڌائي ڪيترئون سندر چيزون پيش ڪيون آهن. انهن جي معرفت هو ماڻهن ۽ ٻارن جي من جو چيد ڪري آکاڻيون جوڙي ونندو آهي. عن جي آکاڻين ۾ سورنجن جا عناصر جهجها هوندا آهن. ننڍڙن ٻارن کي ڪوئن ۽ ٻلين سان گهڻي دل هوندي آهي، تنهن ڪري اهي ڪهاڻيون هنن کي وڻن ٿيون. هتي مان 'ٻلين جون آکاڻيون' ڪتاب ۾ ڏنل "ڪوئي جي شادي" آکاڻيءَ جو ذڪر ڪندس، جنهن کي تمام ننڍڙن ٻارن لاءِ ننڍڙن جملن وسيلي هن بيان ڪيو آهي. هن نموني:

"هڪڙو چوُن چوُن نالي ڪوئو ولايت مان تعليم وٺي واپس آيو. سندس مڱڻو ديس جي راجڪماري چين چين ڪوئيءَ سان ٿيو. چون چون پنهنجي شاديءَ جا نيڊ-پتر چوراها ۽ پنهنجن يارن دوستن ۽ مٽن مائٽن ڪوئن ۾ ورهايا. مڃهند جو چيت جي ٻر مان چوُن چوُن هيمت فرش تي ٻليءَ کي ويندو ڏٺو. سو هزي خاطر چوُن چوُن ڪوئي هڪڙو نيڊ پتر هيمت ٻليءَ ڏانهن به اڇلايو ۽ ٻليءَ کي چيو: ماسي ٻلي! ايندڙ آرتوار تي منهنجي شادي آهي ۽ توهان به مهرباني

ٻاٻا، مونکي ٻال ڪهي،
ها ها، مونکي ٻال ڪهي.

ٻارن لاءِ صحيح ٻال ساهتيه پيش ڪرڻ لاءِ صرف ليکڪ جو يوگدان ئي ڪافي نه آهي. ان جو ٻيو پڪش آهي پرڪاشن جو. اهو ضروري آهي ته ٻارن لاءِ لکيل هر هڪ ڪتاب ۾ رنگين تصويرون هجن، ٽائيپ ٺيڪ ڪم آندل هجي، ڪتاب جي سائيز دلڪش هجي ۽ ٻائينڊنگ جي سوجهه ٻوجهه هجي. انهن ضرورتن طرف اڪثر ڪري گهٽ ڌيان ڏنو ويو آهي. ان لاءِ جوابدار ٻئي اسانجون ڪي مجبوريون هجن تهن هوندي به ٿورو ڪي گهڻو ان طرف وڌيڪ ڌيان گهربل آهي. ليکڪن طرفان به اڃا وڌيڪ سهاڳيءَ جي ضرورت آهي. ڇو جو ٻارن کي کپي سمدن ڪهاڻين جو ساهتيه، جيڪو هنن کي دنيا جي حقيقتن ڏانهن وٺي وڃي.

مان ٻالا جو ٻالا ۽ تنھنجو ئي ٻالا
هليو اچ ته موجون ونايان مان توکي
اٿي آءُ دادا، گھمايان مان توکي

ڏٺو نه، ٻار ڪيئن نه پنھنجن وڏن وٽان ٻار ٻار ملندڙ هدايتن کي ڌيان ۾ ٿو رکي.

هاڻي ڏسو ته ڪمل ٻياسي ئي لڳ ڀڳ ساڳئي نموني ٻار کان ٿو چوائي:

هري دلگير هڪ ٻار جي واتان ٿو چوائي:

هلي آءُ دادا گھمايان مان توکي
نچايان نمايان ڪڏايان مان توکي
سڀالي جي هلندين مٿجھي ڪونه پوندين
پڪڙ منھنجي آڱر نه ٿڪجي نه پوندين
اجايو ڇو آهس ڀري سڏڪا ڇوندين
مگر جي چڱي ٻار جو قول ڏيندين
ته ٿيءُ خوب موجون ونايان مان توکي
هلي آءُ دادا......

ڪنھن زماني ۾ شري رام پنھنجي ماءُ کان چنڊ گھريو هو پر اڄ جي ٻار کي چنڊ نه کپي، اڄ جي ٻار کي کپي راند لاءِ ٻال. ٻال سان هو پنھنجو من وندرائڻ ٿو چاهي. ٻولط راهي ان ڪري شايد 'ٻال هٺ' جو ذڪر هن نموني ٿو ڪري.

ڪري ٻارن جي ادا ۽ ونڊڪ وڌيڪ آهي. هو ٻارن جي سرگرمين ۾ گهڻي دلچسپي وٺندو هو. سندس گهرجي ٻاهران ميدان ۾ ٻالڪن جي ٻاريءَ جا ميڙ لڳندا هئا. بيوس ٻارن سان ٻار ٿجي ويندو هو. سائن چرچا گهڻا ڪندو هو. هو وڻي وڻي ٻارن لاءِ ننڍڙيون آکاڻيون، ٽوٽڪا ۽ گيت ٺاهي وٺندو هو. بيوس جا لکيل ٻال گيت، انهن وقت سنڌ مان نڪرندڙ مشهور 'گلستان' ۽ 'گل ڦل' رسالن ۾ شايع ٿيندا هئا.

ڪوي بيوس کان اڳ ٻارن لاءِ گيت ته ڄڻ هئا ئي ڪين. سواءِ ڀيرومل مهرچند جي لکيل ڪن ٻال ڪوتائن ۽ ڪن ٻال لوڪ گيتن جي سنڌيءَ ۾ ٻارن لاءِ ڪوتائون لڳ ڀڳ غير موجود هيون. ان کوٽ کي پورو ڪرڻ جي ڏس ۾ ڪوي بيوس جون خدمتون ساراهه جوڳيون آهن. هن ٻارن لاءِ گهڻيون ڪوتائون لکيون، جن مان چوڏهن ٻال ڪوتائون "موجي گيت" سنگره ۾ ڪتابي روپ ۾ ڇپيل آهن.

ڪنهن به ڀاشا جي سٺي ٻال گيت ۾ هيٺيون خاصيتون هئڻ ضروري آهن. (1) سرل ٻولي (2) سهڻا بيان (3) ٻارن جي ماحول سان ٺهڪندڙ موضوع (4) ٻارن جي ٻوليءَ ۽ عمر انوسار پيشڪش (5) ڳائڻ سگهڻ جي خاصيت (6) وندر ۽ سکيا.

بيوس جو ٻال ساهتيه

سرمور ڪوي بيوس سنڌي ساهتيه ۾ يگانو درجو رکي ٿو. هن نه صرف ڪيترا فيلسوفاڻا ۽ سماجڪ شعر رچيا هئا، پر ان سان گڏ ڀڳتي ڀاو، انسان جي آسپاس جي دنيا ۽ جيون جي ڪيترن پهلن ۽ موضوعن تي شعر گوئي ڪري سنڌي شاعريءَ کي هڪ نئون موڙ ڏنو. اهڙا ڪي ٿورا ساهتيڪار ملندا، جن وڏن سان گڏ ٻارن لاءِ به لکيو هجي، انهن ٿورڙن ساهتيڪارن ۾ ڪوي بيوس کي به شمار ڪري سگهجي ٿو. هن ٻارن لاءِ ۽ وديارٿين لاءِ ڪيترا پيارا گيت ۽ شعر لکيا آهن.

ڪوي بيوس، جنهن جو پورو نالو شري ڪشنچند تيرٿداس کتري هو، سنڌ جي لاڙڪاڻي شهر ۾ 25 فيبروري 1885 تي ڄائو هو. ننڍي عمر کان ئي هن کي ڪوتائون لکڻ جو شوق هو. وڏو ٿي هو جڏهن اسڪول ۾ اُستاد بڻيو ته ٻارن جي وچ ۾ رهڻ جو کيس وجهه مليو. هن جي مدهن ۾ مٺاج هو انڪري سڀني شاگردن جون دليون کٽي ويندو هو. انهن کان سواءِ هو ڪجهه عرصو ٻالڪن جي ٻاريءَ جي لاڙڪاڻي واري شاخا جو انچارج به ٿي رهيو، جنهن

آهن ۽ اهڙيءَ طرح ٺهي ٻوندي آهي رٻل. ٻيوس ۾
ٻارن کي رٻل گاڏي ڏاهيندو ڏسي مذاقي نوع ۽
سليس ٻوليءَ ۾ چوي ٿو:

اچو ته ٺهڙي رٻل ٺاهيون
ٻاهر ٻيوءَ ۾ دود دکايون
کري واٽ سان واه جون ڳالهيون
ڇهه ڇهه ٻيسا ۾ ٻه ٻايون

ساڳيءَ طرح قدرت جي سونهن ۾ ٻارن کي ٻاڻ
ڏانهن ڇڪيندي آهي. رات جو چنڊ ۽ تارن سان ڄڻ
ڳالهيون ڪرڻ چاهيندا آهن. ٻيوس ۾ ٻار ٻڻجي چنڊ
کي چاهه مان ڏسندي چوي ٿو:

چمڪ ٿون چنڊ مشعال
چوکي ٺهڊي چنڊل چال

ته ڪڏهن وري تارن کي ٽڪيندي ڳاڻ ٿو لڳي:

اڪ ٻوني اڪ ڪولي تارا
ڪن ڏا هڪ ٻئي ڏانهن اشارا
ڪن ٻيا ٻڻ ٻڻ ۾ ڪا ٻاب
ٺمڪ ٺمڪ تاريلي رات

ٻار جي معصوميت ۽ ٻيار ڀري دل کي ۾ هن لفظن
دوارن هن نموني ٻوگهت ڪيو آهي:

ٻالک ٺهڙا تون ڳل ڦل
وهين سڀن سان ٿي رل مل

ٻيوس جي ٻال گيتن کي انهيءَ ڪسوٽيءَ تي پرکڻ سان معلوم ٿيندو ته سندس ٻال گيتن جي ٻولي بلڪل سرل ۽ بيان سهنجا آهن. ٻار انهن کي سولائيءَ سان پڙهي ۽ ڳائي سگهن ٿا ۽ انهن جا وشيه به ٻارن جي ماحول سان ٺهڪندڙ آهن.

اچو ته انهن گيتن جي ٿوري جهلڪ پسون.

ٻارن کي ڦوڪڻي سان بيحد لڳاءُ ٿيندو آهي. ”ڦوڪي ڦاٽ نه ڦوڪڻو“ واري گيت ۾ هن ٻارن جي منپسند شيءِ ۽ وندر جي وسيلي ڦوڪڻي جي باري ۾ لکيو آهي ۽ اهو محسوس ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويو آهي ته ٻار ڪيئن نه رنگبرنگي ڦوڪڻن پٺيان ديوانا هوندا آهن ۽ وات سان ڦوڪڻو ڦوڪي چوندا آهن:

ڦوڪي ڦاٽ نه ڦوڪڻو،
مٺڙو آهي ملوڪڙو.
ڦاٽي پوندو سبي نه سگهبو
ڪونئر لٽيءَ سان لڳي نه سگهبو
ٺونڪر ڏيندي ٺونڻو
ڦوڪي ڦاٽ نه ڦوڪڻو.

ٻارن کي ريل گاڏيءَ جي راند به پياري لڳندي آهي. ڪيئن گاڏيءَ جي ڪوڪ موهيندي آهي. هو پاڻ ۾ گڏجي هڪ ريل ٺاهيندا آهن. ڪو ٻار انجڻ ٺهندو آهي ته ڪو گارڊ جو گاڏو. ٻيا ٻار ريل جا گاڏا ٺهندا

ٿي مجموعي مان ڪيترا شعر هن وقت به درسي ڪتابن ۾ جوڳي جاءِ حاصل ڪندا رهيا آهن. مجموعي جي هڪ ڪوتا ”آڱريون ۽ منڊي“ ڏسو:

نهي آئي ناٿ سان چوڪي چلڪيدار
منڊيءَ ميڻ-و معاملو مشڪل مزيدار
پائڻ لاءِ اچي پئي پڇن ٿي منجهه پچار
هرڪا رهي هشيار، حجت هلائڻ واسطي.

هن ۾ ناٽڪي انداز سان پڌايل آهي ته ڪيئن نه سوني منڊيءَ پائڻ لاءِ سڀئي آڱريون سوناري اڳيان پنهنجا پنهنجا دليل پيش ڪن ٿيون ۽ پاڻ کي ٻين آڱرين کان مٿان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون.

پيوس هڪ ننڍڙي آکاڻيءَ جي مدد سان نه صرف هٿ جي سڀني آڱرين جي اُپيوگ ۽ ضرورت جو ذڪر ڪيو آهي پر ان سان گڏ هن ڏيکاريو آهي ته نهنڊائي ۽ نمرتا واري جو وڌيڪ قدر ٿئي ٿو.

جيو اهين، جڳي ڏسي چيچ، چترائي
خدمت خاصي تون ڪرين نمرتا نڀائي
مرڪ لڌهڪي پائڻيان منڊي هيءَ مائي
پوءِ تون ڀرائي سوني منڊي چيچ ڪي

پيوس جي لکيل ٻاراڻا ”اسانجي حال ئي هوڊ ۾“ * ته اڄ به اسڪول ۾ پاڙهي ۽ ڳائي پئي وڃي.

پيار ڀري آ تو ڏاڍڻ دل
صورت تنهنجي ڀالي ڀولي
ڇا ڀاڳيلي تنهنجي ٻولي
ڪيڏو ڪومل صاف سياءُ
جنهن ۾ آهي نه واءُ وڏاءُ
ٻيوس توکي ڀاري ٻار
آئيندهه جو سچو مدار

اهڙيءَ طرح ٻيوس ٻارن لاءِ ٻين به ڪيترن وشين تي سندر ڪوتائون رچيون آهن جن ۾ ڪڪڙ، واريءَ جو گهر، پينگهه، ڪاٺ جو گهوڙو، ڪاغذ جي ٻيڙي وغيره جهڙا ٻارن جي ماحول سان تعلق رکندڙ گوناگون وشيه آهن. اهي ٻارن جي روز مره جي راند روند سان گهرو لاڳاپو رکندڙ آهن ۽ ننڍڙي وزن ۽ ٻاراڻي ٻوليءَ ۾ قلمبند ڪيل آهن. ان لحاظ کان ٻيوس جون ٻال ڪوتائون ڪامياب چئي سگهجن ٿيون.

ٻيوس ڀرپور ڪوي هو جنهن اسڪولي شاگردن لاءِ به ڪيترا سندر ۽ سکيا ڏائڪ شعر رچيا. ”شيرڻ شعر“ ۾ هن جا شاگردن لاءِ لکيل ڪيترا نصيحت آميز شعر ڏنل آهن. اهو ڪتاب سن 1929 ۾ سنڌ ۾ ڇپيو هو. ان بعد ان جا ڪيترا ڇاپا نڪري چڪا آهن. هندستان جي ڪن شهرن ۾ ”شيرڻ شعر“ کي درسي ڪتاب طور پڻ پاڙهيو ويندو آهي. انهيءَ

هري دلگير جون ٻال ڪوتائون

سنڌي ڪوتا ۾ هڪ مخصوص جڳهه رکندڙ ڪوي هري دلگير ٻارن لاءِ به انيڪ گيت لکيا آهن. اهي ٻال گيت انداز جي خيال کان اهڙا ته آهن جو انهن مان ڏهاڪو مجموعا ٿي سگهن. ٻيوس جي "موجي گيت" ۾ دلگير جون ٻه چار ڪوتائون آهن جي هن صاحب انهيءَ عرصي ۾ لکيون جڏهن ٻيوس جي رهبريءَ هيٺ ٻارن جي دنيا کي هڪ نئون اُمنگ ۽ نئين دشا ملي رهي هئي. دلگير صاحب 1930 کان وٺي ٻال ڪوتائون لکڻ شروع ڪيون، جي انهن ڏينهن ۾ ٻالڪن جي ٻاريءَ جي "گلستان" رسالي ۾ شايع ٿينديون هيون. ڪيترن سالن تائين هيءَ صاحب انهيءَ رسالي جي ڪوتا وڀاڳ جو انچارج ٿي رهيو، جنهن ڪري سياوڻڪ ٻال گيت رچنا جو کيس وڌيڪ اتو مليو. ڪوي ٻيوس سان گڏ لکيل "موجي گيت" کانپوءِ دلگير صاحب جو ٻيو هڪ ٻال گيت سنگره "مزيدار گيت" ظاهر ٿيل آهي جنهن ۾ سندس 14 ٻال گيت آهن. نئون مجموعو "گيت گلابي" ا— ڇپجڻ جي تيارين ۾ آهي.

هڪ ٻال گيتڪار طور هري دلگير ڪيتري قدر

اسانجي حال تي هردم سٻاجها ٻاجهہ ٻنهجي ڪر
ٻـلارا ٻلا ٻنهجي سان اسانجو ٻانڌ ٻالهو ٻـر

ساڳيءَ طرح ٻيوس جون ٻيون ڪوتائون جهڙوڪ ’آسمان‘، ’ٽڏ ۽ ماکيءَ جي مکڙي‘، ’جوتنا‘، ’شراب‘، ’ندي‘ وغيره ٻط وديارٿين لاءِ سکيا جو سادن آهن. نموني طور ’آسمان‘ کي مخاطب ٿي چيل ڪوتا:

ڪٿهن حال تي هابين ٿو، ڪٿهن چال تي چئين ٿو؟
مون کي نہ ڏجهہ سلين ٿو، ٻاٽا ٻوري جهلين ٿو.
اي آسمان نيلا! تارن سندا وسيلا.

ان ڳالهہ ۾ ذرو بہ وڌاءُ ناهي تہ ڪوي ٻيوس هڪ طرف اسڪولي شاگردن لاءِ سکياداءڪ شعر رچي درسي ڪتابن لاءِ گهربل موزون مصالحو ميسر ڪيو آهي تہ ٻئي طرف نميڙن ٻارن لاءِ موج مستيءَ سان ٻوبل مزيدار گيت لکي سنڌيءَ ۾ ٻال گيتن جي ضرورت کي پورو ڪيو آهي. هيئنر جڏهن هر طرح جي گيتن جون ڪئسيٽس عام جام تيار ٿي رهيون آهن تہ ٻيوس جي ٻال گيتن کي بہ ڇو نہ مڌر آواز ۾ ڳارائي ڪئسيٽس ۾ هميشہ لاءِ قيد ڪري رکڻ جو شري ڳڻيش ڪيو وڃي.

۽ ماٺي سگهن ۽ انکي ٻال گيت نہ چئي سگهبو. انهن کانسواءِ ونڊن لاءِ لکيل گيت يا ڪوتا ۽ ٻيا جيڪڏهن ٻارن کي ڇهي سگهندي هجي ۽ ٻار انکي ماٺي سگهندا هجن ۽ انکي ٻال گيت جي ورگ ۾ رکڻ ۾ ڪو هرج ڪونهي. ٻال گيت جو وشيہ ٻار ئي هجي اهو ضروري ناهي. ان هوندي بہ ٻال گيتن ۾ عام طور ٻال من جي ٻهچ ۽ انهن جي سرشٽيءَ جي پيشڪش ضروري آهي." ("پرليابن" ص- 15)

ٻال گيت جي رچنا کي سمجهڻ لاءِ ذڪر ڪيل اهي حوالا بہ اڃا اڌورا آهن. انهن جي پس منظر ۾ اُپري آيل ڪن عناصرن ۾ پيون نہ ضروري گهرجا شيون ملائيندا سين تہ سٺي ٻال گيت جي سڃاڻپ اُلهي ليکي هن طرح ملندي. "اهو ٻال گيت جنهن جي ٻولي سرل هجي، ٻار سولائيءَ سان سمجهي سگهي، کيس رس اچي ۽ هو ڳائي سگهي، ٻار جي ڪلپنائن ۽ لفاظائن انوسار هجي، ٻال من کي ڇهندڙ هجي، سٺون ننڍيون ۽ قافيہ سولا هجن، وشيہ ٻار جي واتاورڻ سان لهڪندڙ هجن، انکي سٺي ٻال گيت جي صف ۾ ليکاري سگهبو."

دلگير صاحب ٻارن جي لاءِ گيت لکندي مٿين ڳالهين ڏانهن چڱي حد تائين ڌيان ڏنو آهي جا ڳالهہ هن جا لکيل گيت پڙهندي محسوس ٿئي ٿي. ٻارن

ڪامياب رهيو آهي، انجي اوڪ ڊوڪ ڪرڻ کان اڳ
اهو سمجهڻ ضروري آهي ته ٻال گيت ڇنڊي ڇاڻ ڪري
ٿو ۽ سٺي ٻال گيت ۾ ڪهڙيون خوبيون هئڻ گهرجن.

ڪوي بيوس جي ٻال گيتن جي سندرڀ ۾ پنهنجو
رايو ڏيندي هري دلگير خود لکيو آهي ته "هڪ
سٺي ٻال ڪوتا جو مکيه انگ اهو آهي ته ٻار ڪوتا
کي سمجهي سگهي، ان مان ڪيس رس اچي ۽ هو
ڳائي سگهي. ان ۾ تشبيهون ۽ ڀڄن، جي ٻالڪ جي
ننڍڙي دماغ ۾ گهڙي سگهن ۽ هو انهن جو لطف
وٺي، موج ۾ اچي وڃي." ("ڪشنچند بيوس" ص-83)

جيمس ريمس نالي هڪ مشهور ٻال ساهتيڪار
پنهنجي انڀو جي آڌار تي ٻال ساهتيه رچنا پوءِ چاهي
اها نثر ۾ هجي يا نظم ۾، جي ٻاري ۾ رايو ڏيندي
چوي ٿو "ٻارن جي ليکڪ لاءِ اهو ضروري آهي ته
هو پنهنجي محسوسات کي ٻارن جي من سان، سندن
درشٽيءَ سان ڏسي. مون سدائين اهو ضروري سمجهيو
آهي ته مان ٻارن جي نظر سان ڏسان، ٻارن جي من
سان ڪلپنا ڪريان ۽ ڪنهن حد تائين ٻارن جي من
سان محسوس ڪريان." ("ٻال گيت ساهتيه" ص-24)

گجراتيءَ جي مشهور ساهتيڪار چندرڪانت شيٺ
ٻال ڪاويه جي رچنا جي ٻاري ۾ رايو ڏيندي چيو
آهي "ٻارن لاءِ لکيل گيت مان جيڪڏهن ٻار آنند

اڪيلو ڇو آهين، تو سڀڪن ۾ ڇوندين،
ٻڪڙ مڙهجي آڱر، ٻچايان مان توکي،
اُٿي آءُ دادا، گهمايان مان توکي.

ٻار کي هميشه وڏن وٽان سٺو ٻـــار ٿيڻ جون سکياڻون ملنديون آهن. سٺو ٻار ٿيڻ لاءِ ڪيس انعام طور ڪا شيءِ وٺي ڏيڻ جي لالچ ٻـ ڏني ويندي آهي. ٻار انهيءَ ڪان ڀليءَ پـٽ واقف آهي. انهيءَ ڪري ته هو پنهنجي پيءُ کي ٻه اها هدايت ڪريٿو:

نه ٻارن جان وڙهندين سٺو ٻار ٿيندين
اهو مون کي دادا، جي انجام ڏيندين
ته تو لاءِ وِٺندس مان رنگين لغڙي
هوا ساڻ وِڻندي جا آڪاس اڏري
لغڙ ڪٽن اڏامي، ٻڌايان مان توکي
اُٿي آءُ دادا، گهمايان مان توکي.

ٻار جن پکين پسن کي ڏسندو آهي تن لاءِ پنهنجي ٻال ٻڌيءَ انوسار ڪلپنا ٻه ڪندو آهي. هو چاهيندو آهي جيڪر ڪانءُ ڳالهائي، جهرڪي ناچ ڪري، ڪمونو راڳ ڳائي، پوپٽو سوٽ پائي، اهڙيءَ طرح هر جانور ۽ پکي هن جـــي اکين اڳيان سندس ڪلپنا انوسار ڪندو آهي. ٻار جي انهيءَ ڪلپنا کي دلگير صاحب تمام سهڻي ۽ وندرائيندڙ نموني اپاريو آهي:
موجي ملڪ جي ٻات - ٻڌو سڀ - موجي ملڪ جي ٻات

جي آسپاس جي دنيا کان هو خبردار آهي. انڪري هن ٻار جي ماحول سان ٺهڪندڙ وشيه چونڊيا آهن. ٻار طوطي، ڪانءُ ۽ ٻليءَ جي ٻونگڙي جهڙا پسون پکي روز ڏسي ٿو. رانديڪن، ڪاٺ جي گهوڙي ۽ لڪ چپ راند سان من ٻهلائي ٿو. آئيني، گهڙيال ۽ پاڇي جهڙن شين تي عجب کائي ٿو. ننڍڙي سان وڏي ٿيڻ جي، بهادر بڻجڻ جي، مٿي ملڪ ڏسڻ جي ڪلپنا ڪري ٿو. ٻار جي آسپاس جي انهيءَ ماحول سان ٺهڪندڙ اهي گيت ٻال من کي ڇهن ٿا. ٻارن کي اهي وڻن ٿا.

وشيه جي خيال کان ”ننڍڙو- وڏو“ ڪوتا دلگير جي سڀ کان بهترين ڪوتا آهي. اسانکي خبر آهي ته ٻار ڪڏهن به پاڻ کي ننڍو سڏائڻ پسند نه ڪندو آهي. پيءُ جي آڱر پڪڙي هلڻ هن کي پسند نه هوندو آهي. هو هميشه طرح طرح جي ورتين دواران اهو ٻڌائڻ چاهيندو آهي ته هو به ڪجهه آهي. دلگير جي هن ڪوتا ۾ ڏسو ته ڪيئن نه ٻار پنهنجي دادا کي چوي ٿو:

اٿـــي آءُ دادا، گهمايان مـــان توکي،
بزارن ۾ ڪيڏي گهماگيهه آهي،
متل گـــوڙ گهمسان ۽ پيهه آهي،
نه جي آءٌ هوندس ته پلجي تون پوندين،

ڏٺي ڏٺي آئين جهڙو
اڪڙو اڪڙو وچين ٿهڙو
ٻئي هڏڙ ٽوڪي ڪم آ ڪهڙو؟
ٻاڻ ڇڏائين ڇا لاءِ اڪڙو؟
ساهي ٻت، ڪجهه ٽرس ته ٻار،
مس مس آئين آرٽسوار.

آئيني جي اندر پنهنجو عڪس ڏسي ٻار اڪثر عجب کائيندو آهي انکري ڏسو ته ڪيئن نه دلگير ٻار جي ان انڪسنا کي ظاهر ڪري ٿو:

اندر ٽون ڙي آهين ڪير؟
ٻاهر ڇو نه ڪيئن ٿو ٻير؟
ٽون نه بهادر، مان ٻڙ شير،
لڙون لڙائي،
ڪريون صفائي،
ٻاهر آ، او مون جهڙا،
آئينا ڙي آئينا!

پنهنجي ٻاچي کي ڏسي هڪ ٻار ٿي عجب ٿو لڳي ان ڪري هو چوي ٿو:

هلان جڏهن نموني، آئين هي هاي ٿو
ڇلان چال حهڙي، هي ٿهڙي جاي ٿو
ڏسي مونکي وڃارا هر وار ٻاچو
عجب منهنجو ٻاچو، مزيدار ٻاچو.

خواب لڌم ڪلهه رات - ٻڌو سڀ - موجي ملڪ جي ٻات
ڪونه اوهان مان جاتو هو ڪو، جاتو هوس نه آءٌ

لڌهين پولڙن سوُٽ ٿي ٻاتو،
گهوڙن گڏهن بوٽ ٿي ٻاتو،

هين عجب معلات - ٻڌو سڀ - موجي ملڪ جي ٻات.

اهڙيءَ طرح انهيءَ ڪوتا ۾ اڳتي هلي هاٿي مل کي ڏولي، خچر کي سلوار، ٻڪريءَ کي ٻولي، لومڙ کي پڳڙي، ڪتي کي ٽوپلو وغيره پهرائي مڇين کان ناچ، ٻگهن کان راڳ، واگهن کان واهه واهه جهڙا ڪم ڪرايا ويا آهن. ٻارن کي انهي ڪلهيا مان آنند اچي ٿو. هن ڪوتا جو مکيه مقصد به آنند آهي. اها هڪ فنتسي آهي.

اسڪول ويندڙ ٻارن لاءِ آرتوار جو ڏينهن سڀ کان سٺو هوندو آهي ڇو جو انهيءَ ڏينهن تي اسڪول کي موڪل هوندي آهي. انهيءَ ڪري ٻار آرتوار جو نالو ٻڌي بيحد خوش ٿيندا آهن ۽ سڀني ڏينهن مان انهيءَ کي ڏاڍو پائيندا آهن. هو آرتوار جو انتظار ڪندا آهن. انتظار ڪندي کين لڳندو آهي ته ٻيا سڀ ڏينهن ته ٽڪڙا ايندا آهن پر آرتوار دير سان اچي، جلد غائب ٿي ويندو آهي. انهيءَ ڪري ته ٻار آرتوار کي ڏوراهو ڏيندي چوي ٿو:

ٻارن کي آکاڻيون بيحد وڻنديون آهن. دلگير صاحب ٻارن جي انهيءَ پسنديءَ کي ڪوتائن ۾ پوئي ڪٿا گيت به رچيا آهن. ڏسو اهڙو هڪ گيت:

ٻائر ٻيٺي، ٻائر ٻيٺي
نڪتا گڏجي ٻائر ٻيٺي
ڀاءُ وڏي هڪ لغڙ اڏايو
ڇڪي ڏئي لنڍهن عرش پڄايو
لغڙ مٿي ڄڻ اڏندو ويو ٿي،
ڇوڪر ٻئي لٽڻ ڪڇندو ويو ٿي!
عجب قسم جي ڏسي لڙائي،
پنيان سرڻ هڪ اڏندي آئي...

۽ اهڙيءَ طرح گيت رستي آکاڻي اڳتي وڌي ٿي. انهيءَ آکاڻيءَ ذريعي دلگير ٻڌائي ٿو ته ڪيئن نه لغڙ جي زور لي هڪ ڇوڪر مٿي اڏامڻ لڳي ٿو ۽ سرڻ سندس مدد ڪري کيس سندس ڀاءُ سان ملائي ٿي. هن ڪوتا ۾ وندر آهي. اهڙو ئي هڪ ٻيو ڪٿا گيت به آهي جنهن ۾ هڪ ڇوڪر جي وقتائتي سوجهه کيس واگهوءَ ۽ شينهن کان بچائي ٿي. انهن ۾ آفت وقت نه گهبرائڻ ۽ ڪو رستو ڳولهڻ جي سکيا آهي. ڪي سٽون ڏسو:

شينهن مٿس آيو ٿيو ڏئي،
ٻر ڇوڪر چالاڪي ڪئي.

اهڙيءَ طرح ڏسبو ته دلگير هر وشيه کي ٻار جي نظر سان ڏسي ٿو. ڪوتا ۾ ٻار جي اڌمن جو اظهار ڪرڻ وقت هو خود به ٻار بڻجي وڃي ٿو. ٻار جي من ۾ اٿندڙ سوالن کي ٻار بڻجي پيش ڪري ٿو. ٻال گيتڪار لاءِ اها ئي ته سڀ کان مکيه ڳالهه آهي.

وشين جي خيال کان اهڙي گوناگونيت هوندي به دلگير قدرت جي انمول چيزن کي پنهنجن ٻال گيتن ۾ الائي ڇو نه سمايو آهي. جتي پوس گلن ڦلن، ٿارن ڀري رات، چنڊ، سارنگ وغيره وشين تي گيت لکيا آهن، اتي دلگير، خود پرڪرتي پرامي هوندي به نجاڻ ڇو انهن کي نظر انداز ڪيو آهي. انهن کانسواءِ اڄ جي سائنس يگ جو ٻار — دلگير جي گيتن ۾ نظر نٿو اچي. اڄ جو ٻار، جو جيٽ، ٽي. وي، ويڊيو، ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ رهي ٿو، اهو انهن شين جي باري ۾ ڇا ٿو سوچي، ڇا ٿو محسوس ڪري، انجو اظهار به دلگير جي گيتن ۾ نٿو ملي. ٿي سگهي ٿو، دلگير جون انيڪ ٽڙيل پکڙيل رچنائون جي خاص ڪري هن ورهاڱي کان اڳ رچيون هيون ان ۾ قدرت جو اظهار هجي. ازانسواءِ ويڇهڙائيءَ ۾ لکيل سندس رچنائن ۾ اڄ جي ٻار جي ماحول جو چٽڻ نه هجي. پر اهڙيون رچنائون سندس هٿلکائين ڇپيل سنگرهن ۾ ڏسڻ ۾ نه ٿيون اچن.

رنگ روپ ۾ تون ڪاري،
ڇهڻ اٿيئي موچاري،
آهه ڳچيءَ تي اڇو نشان،
ڪر ڪانوڻي ڪان ڪان.

(ڪانوڻي)

وقت سمورو راندڙيون رمندس،
ڏيهه سڄو ڪو مون نه ڏسندس،
دادا جو مان سڏ به نه ٻڌندس،
ساڃهه هرگز آءٌ نه سمهندس،
جا وٺندم، سا چلندس چال،
ٻورڙا ٻورڙا ٿيءَ گهوڙ ٻال.

(گهوڙ ٻال کي عرض)

ستون تمام ننڍڙيون هئڻ ڪري ٻار انهن کي سولائيءَ سان سمجهي سگهن ٿا. انڪري سڀاويڪ هنن کي انهن مان رس اچي ٿو.

دلگير صاحب جون ڪوتائون بحر وزن ۽ قافين رديف جي اوڻاين کان دور آهن. هو صاحب سنڌي ڪوتا ۾ هڪ ممتاز درجو رکي ٿو، جنهن کي ڪوتا جي انهن سڌانتن جي پوري پروڙ آهي. ٻال گيتن جي رچنا ۾ به ڪوتا جي انهن سڌانتن جو هن گهڻو خيال رکيو آهي. ٻوليءَ تي قبضو، لفظن جي چونڊ، روانيءَ وارو وزن - سڀ ٻال گيتن کي اپارڻ ۾

هڪدم ليٽي پيو ڌرتيءَ تي،
مٿان ڪيائين اوٽ ڇٽيءَ کي.
شينهن ڇٽيءَ جي مٿان ٽپي ويو،
وڃي واگهوءَ جي وات ۾ سو پيو.
شينهن ڦٿيو ۽ واگهو زخمي،
ٻچڙو لڳو ٻوءِ ڇوڪر جلدي...

ٻارن جي عام ڪهاڻين، پسن-پکين، ٻارن جي گهرو واتاورڻ ۽ ٻار جي معصوميت سان واسطو رکندڙ اهي گيت 5 کان 8 سالن جي عمر گروپ کي آڪرشت ڪري سگهن ٿا. ان طرح دلگير جون ڪوتائون انهيءَ گروپ جي ٻارن لاءِ چٽي سگهجن ٿيون. ان ڪري انهن ۾ قيام، بعضي، گفتار، شعور، غوراب، نهوڙڻ جهڙا ڏکيا لفظ نه اچڻ گهرجن هئا. اهي ڏکيا لفظ ٻار جي زبان کي اٽڪن ٿا. ٻيءَ طرح ٻوليءَ جي سرلتا ۽ ننڍيون ننڍيون سٽون دلگير جي ڪوتائن ۾ آهن. ضرور ڏسو هيٺيون ڪوتائون:

صبح سويرو جنهن جاڳان،
دريءَ مٿان هڪ پکي ڏسان،
ڪري اچي مون ساڻ سلام،
ننڍڙو ننڍڙو طوطارام.

(طوطارام)

"نيلا" ٻولي: پشپ هسن ٿا،
جڏهن هي ننڍڙا ٻار ٻهسن ٿا،
سندر ۽ ننڍڙا مک کولن،
خاموشيءَ ۾ ٻوليون ٻولن.

(ننڍڙي نيلا)

ڪٿي ڪٿي ٻاراڻا آنزوهشن ۾ ملن ٿا:

مٿو خوب توسان هميو آه مون،
لڏهن ڀي آلاجي ڇو سمجهين نه تون،
مٿي ۾ اڇي ڀرپل ٻاڻ ڇا؟
اڙي ٻونگڙا ٻڍڙا، اڙي ٻونگڙا.

(ٻڍڙا ٻونگڙا)

دلگير صاحب ٻال ساهت مان ڌاريندڙ آهي. ٻال ساهت لاءِ تمام سهڻي سوجهه رکندڙ آهي. وڏن لاءِ ڪوتائون رچڻ سان گڏوگڏ هن ٻارن کي ۾ نه وساريو آهي. جنهن لاءِ هو داد جي قابل آهي. الڳ الڳ رسالن ۾ ٽڙيل پکڙيل سندس ٻيون ٻال ڪوتائون ۽ انتخاب ۾ ايندڙون نه هجي ڪوتائن جو اڃا ۽ گهرائيءَ سان اڀياس ٿي سگهندو.

مددگار بڻيا آهن. ڪوتائن ۾ ايترين سارين خوبين هوندي به انهن ۾ غنائيت ۽ موسيقيت جي ڪمي ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اهي ٻارن جي زبان تي سولائيءَ سان نٿا چڙهن ۽ ڳائي نٿا سگهجن. جئن گوورڌن ڀارتي ۽ ديوان راهيءَ جا گيت سولائيءَ سان ڳائي ۽ گنگنائي سگهجن ٿا، تئن دلگير جا نه. دلگير جا گيت انهيءَ ڪميءَ ڪارڻ درسي ڪتابن جون ڪوتائون ٻار بيت بڻجي رهجي وڃن ٿا. ڪٿي ڪٿي هن انهن کي ڳائڻ لائق بڻائڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي آهي مثال "راندڪا - راندڪا"، "موجي ملڪ" ۽ "شير بهادر" جهڙا گيت.

هري دلگير جا گيت اڪثر ڪري ٻارن کي وندر ۽ آنند ڏيارين ٿا. اُن هوندي به هو ڪٿي ڪٿي ٻارن کي وندر ذريعي اُستاديءَ طرح سيکيا ڏيڻ جو ڪم به ڪري ٿو.

مثال طور: روزانو نيم سان هلڻ جي ڳالهه (طوطارام)، گدلائيءَ کان دور رهڻ ۽ صفائي رکڻ جي ڳالهه (ڪانو ٻلي)، وقت جي جدول جي ڄاڻ (آرتوار)، بهادريءَ جو گڻ (شير بهادر) ۽ پڙهڻ سان دل لڳائڻ جي ڳالهه (پڙهه ٻونگڙا) وغيره.

ڪن هنڌ تشبيهن ۽ استعارن جي جهلڪ به ملي ٿي:

آهن جهڙن ۾ ٻال منووگيان جي ڄاڻ، ناٽڪ کي ٻارن جي سمجهه، اُنهن ٻڌائڻ جي لياقت، وندر سان گڏ سکيا ڪي ۽ شامل ڪرڻ جي قابليت، ٻارن جي مسئلن طرف سوڪيم درشٽي وغيره. ٻارن لاءِ هونئن به ڪجهه لکڻ لاءِ وڌيڪ ساوڌاني گهرجي. تنهن ڪري ٻال ناٽڪ اِيترو وڪاس نه ڪري سگهيو آهي.

ٻال ناٽڪ ڇاکي چئجي؟ ان سوال جو جواب ڏيڻ لاءِ ڪيترا سوال ڪڙا ٿين ٿا. ڇا ٻال ناٽڪ ان کي ٿو چئجي جنهن ناٽڪ مان ٻارن کي آنند اچي؟ يا جيڪو ناٽڪ ٻار اسٽيج تي کيلي سگهن؟ يا جنهن ۾ ٻارن لاءِ ڪو سنديش هجي؟ وغيره وغيره.

جواب يا رايا جدا جدا ٿي سگهن ٿا. انهن جي اوکه ڇوکه ڪرڻ بجاءِ ٻال ناٽڪ تي سرسري نظر وجهڻ هن مضمون جو مقصد آهي ان لاءِ هن مضمون کي مکيه ٻن حصن ۾ ورهائجي ٿو:

(1) اعلوڪا ۽ ڇپيل ٻال ناٽڪ

(2) جدا جدا ڀاشائن مان ترجمو ٿيل ٻال ناٽڪ

(3) اسڪولن جي شاگردن داران اسٽيج تي آندل ٻال ناٽڪ

(4) ريڊيو تان پرسارت ٿيل ٻال ناٽڪ

(5) طويل ٻال ناٽڪ

ٻال ناٽڪ: هڪ درشٽي

ٻارن ۾ نقل ڪرڻ جي عادت هوندي آهي. نقل ڪرڻ جي عادت مان اداڪاري جنم وٺندي آهي. ٻار جي اداڪاريءَ جي شڪتيءَ جو وڪاس ڪرڻ لاءِ ٻال ناٽڪن جي ضرورت آهي.

ٻارن جا ناٽڪ اهڙا هئڻ گهرجن جن ۾ ٻارن لاءِ ڀرپور مَنورنجن ته هجي ئي، پر ان سان گڏ اهي ٻارن جي ڪلپنا شڪتيءَ، شخصيت ۽ انڀو ۾ اضافو آڻي سگهن.

سنڌي ادب ۾ ڪهاڻي، ناول ۽ شعر جي ڀيٽ ۾ ناٽڪ جو جنم گهڻو پوءِ ٿيو ڇاڪاڻ ته ناٽڪ هڪ اهڙي ڏکي شاخ آهي، جنهن ۾ لکڻ جي فن سان گڏ ٽيڪنڪ جي ڄاڻ هئڻ به نهايت ضروري آهي. ناٽڪ لکجي ٿو اسٽيج تي پيش ڪرڻ لاءِ. ان ڪري ڪو به ناٽڪ سڦل تڏهن چئي سگهبو جڏهن اهو اسٽيج تي سڦلتا سان کيڏي سگهجي. لکڻ جو فن ۽ اسٽيج جي ٽيڪنڪ جي ڄاڻ، اهي ٻه خوبيون جنهن ليکڪ ۾ هونديون اهو سٺا ناٽڪ لکي سگهندو. ٻارن لاءِ ناٽڪ لکڻ لاءِ به ساڳيون تقاضائون ته رهنديون ئي، پر انهن سان گڏوگڏ ٻيون به ڪي ڳالهيون اهم ۽ ضروري

جي تعليم کاتي طرفان ٻال ساهتيه جو انعام حاصل ٿيل آهي.

هوندراج بلواڻيءَ کي به ڀارت سرڪار جي اين. سي. اي. آر. ٽي. طرفان سندس ناٽڪن جي ڪتاب ’ماستر موڪل ٽي‘ لاءِ انعام مليل آهي. انهن کان سواءِ هن ليکڪ ٻيا به ٻال ايڪانڪي لکيا آهن جي ’ڏهين جو نوٽ‘ ۽ رنگ ’رنگيلي محفل‘ نالي مجموعن ۾ ڇپيل آهن.

ڊاڪٽر چندر سين ناواڻيءَ جي اٺن ٻال ناٽڪن جو سنگره ’ٻوسٽ جو دٻو‘ ۽ رام پاڳچنداڻي ’گيان‘ جي ڇهن ناٽڪن جو مجموعو ’ٻلي آيو آرتوار‘ به ڇپجي چڪا آهن.

انهن کان سواءِ اصلوڪن ٻال ناٽڪن جي ڏس ۾ هريش ڪڪواڻي، شيرسنگھ چنداڻي، وڌو رفيق، جيٺي لالواڻي، نامديو تاراچنداڻي جون ڪوششون به ساراهڻ جوڳيون آهن.

جدا جدا رسالا ۽ مخزن وقت به وقت ٻارن جا ايڪانڪي ڇپيندا رهيا آهن. ’هندواسي‘ جي ٻال وڀاڳ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ٻارن جا ناٽڪ ڇپيا آهن. ’گلستان‘ ماهوار ۾ ’ٻال ڪورٽ‘ (هرڪشن ونڊ ناڻي) ’سنسڪار‘ (رام پاڳچنداڻي ’گيان‘) ۽ ٻين ليکڪن جا ٻال ناٽڪ ڇپيا آهن. ’جهرمر‘ ماهوار طرفان نه آڪٽوبر 69ع ۾

اصلوڪا ٻال ناٽڪ

سنڌ ۾ وڏا ناٽڪ شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ پوري ٿيڻ کان پوءِ هڪ کلائيندڙ ننڍو ناٽڪ ڇهڙني جي روپ ۾ ڏيکاريو ويندو هو. انهن ۾ اهي ناٽڪ وڏن لاءِ هوندا هئا پر کلائيندڙ ۽ مذاقي هئڻ ڪري ٻار به انهن مان لطف وٺندا هئا. اهڙن ناٽڪن ۾ مرزا قليچ بيگ جا 'لوڀي ۽ ٺوڳي'، 'نيم طبيب' ۽ 'شيخ چلي'، ديوان ليلا رام سنگهه جو 'لوڀي لاکيڻا'، ديوان ڪوڙيمل چندن مل جو 'سنگ جو ٻر سنگ'، جيٺانند ناگراڻيءَ جو 'فسادي ڦوڪٽو'، ڪشنچند بيوس جو 'جگري قرباني' ۽ پيرومل مهرچند جو 'آزاديءَ جي ڪوڏي' وغيره اچي وڃن ٿا. انهن مان ڪي ناٽڪ اسڪولن جي ساليانن جلسن تي پيش ڪيا ويا. وشيه گهڻو ڪري سماجڪ مسئلن جهڙوڪ ڏيتي ليتي، شراب خوري، ٻرين عادتن ۽ خراب سنگت وغيره تي هئا. ورهاڱي کان اڳ اهڙا ناٽڪ ته چڱا لکيا ويا پر اهي مکيه طور ٻين ٻولين جو الٿو هئا ۽ خاص ٻارن لاءِ لکيل نه هئا.

ورهاڱي کان پوءِ ته اصلوڪا ٻال ناٽڪ تمام گهٽ لکيا ويا آهن.

شري منوهرداس ڪوڙيمل جي لکيل ڇهڻن جي ڪتاب 'صحت ڇهڻا' کي ڀارت سرڪار

ڪلاڪيندڙ ناٽڪ 'هرٽڪشپ جو خون' (انوواد: شيام رامرڪياڻي) ۽ ٻارن جو هڪ بهترين ناٽڪ چئي سگهجي ٿو. هن ناٽڪ ۾ هرٽڪشپ کي ماريندڙ نرسڪهه ڀڳوان کي خون جي الزام ۾ ڪورٽ ۾ آڻي مٿس ڪيس هلايو ٿو وڃي. وچ وچ ۾ مذاقي اسڪيٽون ۽ ڪلاڪيندڙ گهڻا آهن.

اسٽيج تي ٻال ناٽڪ

اڪثر ڪري وڏن لاءِ لکيل ناٽڪ اسڪولن جي شاگردن طرفان اسٽيج تي پيش ڪيا ويندا آهن. تن ۾ ننڍن ٻارن لاءِ لکيل ناٽڪ، تنهن ۾ به اصلوڪا ٻال ناٽڪ تمام گهٽ ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اهي ناٽڪ گهڻو ڪري اسڪولن جي ساليانن جلسن تي پيش ڪيا ويندا آهن.

ٻال ناٽڪن جو هڪ خاص پروگرام ايم. ڊي. هاءِ اسڪول (احمدآباد) طرفان 25 جون 1978 تي پريمابائي هال ۾ رکيو ويو هو جنهن ۾ ڇهن اڪانڪين جا به شو پيش ڪيا ويا. ٻال ناٽڪ پيش ڪرڻ جي سلسلي ۾ اها ڪوشش تمام ساراهه جوڳي آهي. اسڪول جي ست ڪن وديارٿين، جن اڳ ڪڏهن اسٽيج تي قدم نه رکيو هو، سخت محنت ڪري جوهر ڏيکاريو. پهريون ناٽڪ هو 'انوکو وردان' (ليکڪا: رڪا جيٺن؛ ڊائريڪشن: ديپڪ چاند). هن ناٽڪ کي پرادڪشن

ناٽڪ پرچو ظاهر ڪيو ويو جنهن ۾ ڦٽن سڪواڻيءَ جو 'همت جو هٿيار' ڪنعيي گوبلاڻيءَ جو 'اسين سڀ هڪ آهيون' ۽ ٻيا ناٽڪ ڏنا ويا.

ترجمو ٿيل ٻال ناٽڪ

سنڌيءَ ۾ جيترا ناٽڪ ڇپيا يا لکيا آهن تن ۾ اصلوڪن ناٽڪن کان وڌيڪ ترجمو ٿيل ناٽڪ آهن. رام پاڃنداڻي 'گيان' ڪيترا ايڪانڪي هنديءَ مان ترجمو ڪري سنڌيءَ ۾ آندا آهن. 'انوکي سمجهه' 'گلاب جو گل' ۽ 'هڙتال' وغيره سندس ترجمو ٿيل مکيه ٻال ناٽڪ آهن.

هوندراج بلواڻي پڻ هندي، گجراتي ۽ ٻين ٻولين جا ناٽڪ سنڌيءَ ۾ اُلٿو ڪيا آهن. 'گجراتي ساهتيه جا چونڊ ٻال ناٽڪ' ۽ "سنڌو ڪيئن سڌريو" ۽ جدا جدا ٻال رسالن ۾ ڇپيل گهڻا ڪيترائي ايڪانڪي هن ترجمو ڪري سنڌي ٻالڪن کي ڏنا آهن.

وجيه ليمبولڪر جو ناٽڪ 'پاپا وڃائجي ويو' (انواد: پريم پرڪاش) ٻارن جو هڪ انوکو ۽ بهترين ناٽڪ آهي. هن ناٽڪ جا مکيه پاتر پوسٽ جو ڊبو، وڻ، ڍنيو، ڪانءُ وغيره آهن. هيءُ ناٽڪ اسٽيج تي پڻ ڪاميابيءَ سان پيش ڪيو ويو آهي.

هنديءَ ۾ ٻارن جا ناٽڪ لکندڙ شري ڪرشڻ جو

ڦٽير جو ننڍڙو رول سهڻي نموني نڀايو.

راجستان جي سانگانير (ضلع جئپور) ۾ ٻال
ڪلاڪار سنگم ۾ ڪڏهن ڪڏهن ناٽڪ پيش ڪندو
رهيو آهي جي ۾ اڪثر ڪري لکيل وڏن لاءِ هوندا
آهن ٻر ٻاڳ، ولندڙ ٻار هوندا آهن. انهن ناٽڪن ۾ مکيه
آهن: ڏهاڙيءَ جو ٽڳ، جوءِ ڪهڙي، ڪنجوس سيٺ
۽ ٻوڙا اچي مڙيا وغيره.

هوندراج ٻلواڻيءَ جي ڊائريڪشن هيٺ سنڌ
ماڊرن هاءِ اسڪول جي وديارٿين ۾ وقت ۾ وقت
ڪي ناٽڪ پيش ڪيا آهن. ناٽڪ 'آئو ڙي مزمان'
(ليکڪ: راجيندر ڪمار شرما) فيبروري 1979 ۾ آديپور
۾ ۽ پوءِ احمدآباد ۾ پيش ڪيو ويو. ٻيو ناٽڪ
'سڪايت' (ليکڪ: رتناڪر منڪري) 24 نومبر 1980
تي ٽئگور هال ۾ پيش ڪيو ويو. ٽيون ناٽڪ 'ٻولڻيءَ
جا لڏون' (ليکڪ: چمن شرما) 1984 ۾ پيش ڪيو
ويو. ساڳئي ئي اسڪول جي ٻارن هوندراج ٻلواڻيءَ جي
هدايتڪاريءَ هيٺ 'جادو ڪي گوليان' نالي هڪ
ناٽڪ هنديءَ ۾، ۽ 'ڊاڪٽر الڊ پيٽر' نالي هڪ
ناٽڪ انگريزيءَ ۾ به پيش ڪيو آهي.

مٿين ناٽڪن کان سواءِ مهاتما گانڌي هاءِ اسڪول،
سنڌي هاءِ اسڪول (احمدآباد)، جئہ هند هاءِ اسڪول
(پونا) سنڌ ماڊل هاءِ اسڪول (بمبئي) ۽ ٻين

جو ٻيو ۽ ڊائريڪشن جو ٽيون انعام حاصل ٿيو. ٽيون ناٽڪ 'ٻاٻا وڃائجي ويو' (ليکڪ: وجيه ليمب ولکر ڊائريڪشن: هريش ڪڪواڻي) کي پراڊڪشن جو ٽيون ۽ ڊائريڪشن جو ٻيون انعام مليو. انهن ٽنهي ناٽڪن جو انوادڪ پريم پرڪاش آهي. ٽيون ناٽڪ هو 'عيدگاهه' (ليکڪ: منشي پريمچند، روپانتر ۽ ڊائريڪشن: اي. ايڇ. پنوار) ۽ چوٿون 'ٻوڙ ٻلاءِ' (ليکڪ: لاپ شنڪر ٺاڪر، انوادڪ: پريم پرڪاش، ڊائريڪشن: جيٺو لعلواڻي).

وديارٿي ڪلاڪارن جي ٽنهن وقت جي سنسٿا 'رنگ ڪرم ٿيٽر' ٻه ڪي ناٽڪ پيش ڪيا جي لکيل وڏن لاءِ هئا پر پيش ٻارن طرفان ڪيا ويا. انهن ۾ مکيه آهن 'شاعر'، 'طوفان'، 'ٻيڪي هاءِ ويڊيسانءِ' وغيره.

اهڙيءَ طرح وديارٿين جي ڏيهن جي موقعي تي آدرش هاءِ اسڪول جي ٻارن پڻ 1979 ۾ مذاقي ناٽڪ 'ڪلاڙ پرام تي مقدمو' ۽ 'مڪتي' پيش ڪيا.

25 مئي 1968ع تي ٻاونگر ۾ نوجوان سنڌي سيوا منڊل طرفان ناٽڪن جو هڪ ميلو رکيو ويو هو جنهن ۾ هوندراج بلواڻيءَ جا ٻه ٻال ناٽڪ 'ڏهين جو نوٽ' ۽ 'ماستر موڪل تي' پيش ڪيا ويا، جن ۾ ڪيترن ٻارن ڀاڱو ورتو. 'ڏهين جو نوٽ' ۾ ٻولي مولچنداڻيءَ

ڪيو آهي. هڪ انگريزي آڪاڻيءَ جي آڌار تي هوندراج ٻلواڻيءَ جو فلمبند ڪيل هـيءُ ناٽڪ آئيندہ جي ڪمپيوٽر يگ جي جهلڪ ٿو پسائي. هن ۾ ڪلپنا ڪيل آهي ته آئيندہ جي يگ ۾ ٻارن کي پڙهائڻ جو ڪم ۽ ڪمپيوٽر مشينون ڪنديون. پـر ساڳئي وقت اسڪول جي استادن وٽان ملندڙ پيار ۽ سڪ ۽ هڪ ٻئي سان گڏجي پڙهڻ جي موج انهن مشينن کان نه ملي سگهندي.

هوندراج ٻلواڻيءَ جا لکيل ۽ ڊائريڪٽ ڪيل ٻيا ريڊيو ناٽڪ 'ماستر موڪل تي' ۽ 'علي بابا تـي ٻڌل هو' ٻال سنڌو سرڪل جي ٻال ڪلاڪارن طرفان پيش ٿيل انوکا ۽ وندرائيندڙ ناٽڪ آهن. انهن ناٽڪن کان سواءِ هـن ليکڪ ٻيا بہ ناٽڪ لکيا آهن جي آڪاشوائي احمدآباد- بڙودا تان پرسارت ٿـي چڪا آهن. انهن ۾ مکيہ آهن 'ٽهڪن جي ٽهوڙي' 'ٽهڪڙي ڏيندڙن جو ماستر'، 'ڪم ٿيل اٿئي'، 'سيو تـه سيکوئي...' وغيره.

انهن ناٽڪن کان سواءِ ٻيا ذڪر جوڳا ٻال ناٽڪ ۽ روپڪ آهن سنڌ اڪيڊمي هـاءِ اسڪول طرفان 1967 ۾ پيش ڪيل 'ٽلن جهڙا ٻارڙا'، 1968 ۾ پيش ڪيل 'سدا ٻهڪن ٻارڙا' (ٻنهي جـو ليکڪ: ڪيرت ٻاٻاڻي)، آدرش هاءِ اسڪول طرفان 1977 ۾

اسڪولن جي شاگردن به ڪيترائي ناٽڪ اسٽيج تي آندا آهن.

ريڊيو تي آيل ٻال ناٽڪ

جدا جدا شهرن جي ريڊيو اسٽيشنن تان سنڌيءَ ۾ روزانو ڇاهي هفتيوار پروگرام پرسارت ٿيندو آهي جنهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن ٻارن جا پروگرام ڏنا ويندا آهن. انهن پروگرامن ۾ ڀاڱو وٺڻ لاءِ گهڻو ڪري سنڌي اسڪولن کي نينڊ ڏني ويندي آهي. اسڪول جا شاگرد چرچن، ٻولين، گيتن ۽ آکاڻين جو گڏيل پروگرام ڏيندا آهن. ڪڏهن ڪو ناٽڪ به پيش ڪيو ويندو آهي. هيل تائين اهڙن پروگرامن ذريعي آڱرين تي ڳڻ جيترا ٻال ناٽڪ مس ڏنا ويا آهن، تن مان به ٻڌندڙن کي پسند پيل ناٽڪ تمام ٿورا آهن.

اهڙن ناٽڪن ۾ ڊاڪٽر چندرسچن ناواڻيءَ جي هدايتڪاريءَ هيٺ پيش ٿيل 'پوسٽ جو ڊٻو' هڪ سٺي ۽ الڳ قسم جي ڪوشش آهي. اهو ناٽڪ احمدآباد - ٻڙودا تان ايم. ڊي. هاءِ اسڪول جي شاگردن پيش ڪيو هو. انهيءَ ئي اسڪول جي ٻارن جيٺي لعلواڻيءَ جو لکيل 'نرنگي لائيٽ' پڻ پيش ڪيو آهي، جا پڻ هڪ الڳ قسم جي ڪوشش آهي.

سنڌ ماڊرن هاءِ اسڪول جي ٻارن به هڪ انوکو ٻال ناٽڪ 'ماڻهو ٺهيو مشين' پيش ڪري داد حاصل

گجراتيءَ ۾ لکيل ناٽڪ 'ميان قسڪي' جو سنڌي ترجمو آهي. ناٽڪ جو ليکڪ شري جيورام جوشي ۽ ترجمان جيٺو لعواڻي آهي. گجراتيءَ ۾ انهيءَ ناٽڪ تي فلم ٺهي چڪي آهي ۽ ٽي. ويءَ تي به اچي چڪو آهي. سنڌيءَ ۾ هي ناٽڪ آديپور جي ٻال ڪلاڪارن ٻڌو درشن هال ۾ 27 آڪٽوبر 1986 تي پيش ڪيو. ناٽڪ جو هدايتڪار هريش ڪڪواڻي آهي.

مٿي ذڪر ڪيل ٽيئي ناٽڪ 'انمول موتي' اصلوڪي رچنا آهي پر اسٽيج تي نه آيو آهي. ٻيو ناٽڪ 'شهزادن ڦيرو ڦرڪي' ترجمو آهي پر اسٽيج تي پيش ٿي چڪو آهي.

ٻال ناٽڪن جي مختلف پهلن تي نظرثاني ڪندي اهي نتيجا ڪڍي سگهجن ٿا ته (1) هن صنف کي گنڀيرتا سان نه ڪنيو ويو آهي. (2) اصلوڪن ٻال ناٽڪن جي گهڻي کوٽ آهي. (3) طويل ناٽڪن جي ڊس ۾ تراشا واري اسٽيج آهي. (4) سنڌيءَ ۾ اهڙي ڪا به دائمي سنسٿا يا ٽنل انٽيٽر ڪونهي جو ٻال ناٽڪن لاءِ ڪم ڪندو هجي.

پيش ڪيل 'اُڏيرو لعل'، احمدآباد چنڊر ٻدس ٿيٽر طرفان پيش ڪيل 'ونڊو ڪير؟' ۽ 'چاچا نهرو' (ٻنهي جو ليکڪ: هريش ڪڪواڻي)، سنڌي هاء اسڪول طرفان پيش ڪيل 'عجيب انصاف' (ليکڪ ۽ هدايتڪار: ٽي. جي. ٽنڊواڻي) ۽ ڀاونگر جي سنت ڪنور رام سنڌي هاء اسڪول طرفان پيش ڪيل 'عدالت' (ليکڪ: نامديو تاراچنداڻي، هدايتڪار: واڌهو رفيق) وغيره.

طويل ٻال ناٽڪ

سنڌيءَ ۾ ٻال ايڪانڪي لکڻ ۽ پيش ڪرڻ جي ڏس ۾ جيڪي به ڪوششون ٿيون آهن سي تعداد ۽ ۽ معيار جي خيال کان جيتري اُورهون گهٽيون سنتوش ڪارڪ آهن اُتي طويل ٻال ناٽڪن جي ڏس ۾ تـــ حالت بلڪل نراشا واري آهي. هيلتائين لکيل ۽ پيش ٿيل ٻـــ ـ انڪي يا ٽـ ـ انڪي ناٽڪن ۾ صرف ٻه نالا ڏيان تي اچن ٿا. هڪڙو آهي هوندراج بلواڻيءَ جو لکيل ٻـــ ـ انڪي ناٽڪ 'انمول موتي'، جنهن کي گجرات ساهتيه اڪادميءَ جو ٻال ساهتيه جو پهريون انعام مليل آهي. ناٽڪ اڃا اسٽيج تي نه آيو آهي ان ڪري اهو ڪيتري قدر ڪامياب ناٽڪ آهي ان جي باري ۾ ڪجهه چئي نٿو سگهجي.

ٻيو ناٽڪ آهي 'شرمان ڦيرو ڦوڪي'. هيءُ مُول

جي لاءِ لکيل ڪتابن جي قيمت سستي هئڻ گهرجي جيئن ٻار يا سندن مائٽ اهي سولائيءَ سان خريد ڪري سگهن. سنڌيءَ کان سواءِ ٻين ٻولين ۾ ٻارن جي ڪتابن جون قيمتون ايترو ته آسمان ڇهندڙ آهن جو انهن کي خريد ڪرڻ جي ئي ڪنهن جي همت نه ٿيندي آهي. هرهڪ ڀاشا ۾ اهڙا هزارين ڪتاب ڏسڻ ۾ ايندا جن جي قيمت 25 يا 30 رپين کان به وڌيڪ هوندي آهي!

سرڪاري وياپارن دوارن وڏي تعداد ۾ ٿيندڙ سوديءَ کي ڏسي پبلشر انهن جون ايڊيون قيمتون وڌي ڪمائڻ چاهيندا آهن. سنڌيءَ ۾ به جڏهن کان وڏي تعداد ۾ ڪتابن جي خريداري ٿيڻ لڳي آهي تڏهن کان قيمتون وڌڻ لڳيون آهن. ٻين ڪتابن جون وڌيڪ ٻارن جي ڪتابن جون گهٽ. اڄ جي مهانگائيءَ جي يگ ۾ جتي جيون جون بنيادي ضرورتون حاصل ڪرڻ به ڏکيو هجي اتي پڙهندڙ ٻارن کي ڪير اهڙا مهانگا ڪتاب خريد ڪري ڏيندو؟ ٻارن جي ساهتيه کي جيڪڏهن ٻارن تائين پهچائڻو آهي ته انهن جي قيمت سستي هئڻ گهرجي. ڪتاب سستو هجي ۽ جيڪڏهن اهو ٻارن جي عمر جي گروپ، ڪلپنا شڪتي ۽ انهن جي آسپاس جي ماحول کي خيال ۾ رکي ته لکيو ويو هجي ته

ٻال ساهتيہ ۽ ٻار

ڀارت جي سڀني ٻولين ۾ جهجهو ٻال ساهتيہ ڇپجي ٿو. ديش جا لڳ ڀڳ سڀ پرڪاشڪ ٻين ڪتابن سان گڏ ٻال ساهتيہ بہ ڇپائين ٿا. ڪهڙي بہ ٻوليءَ جي ڪتابن جي لسٽ ڏسو، ان ۾ ٻال ساهتيہ جي ڪتابن جا نالا بہ ڏسڻ ۾ ايندا. ديش ۾ جيتري تعداد ۾ ٻال ساهتيہ ڇپجي ٿو، اوترو ٻارن جي هٿن ۾ نٿو پهچي. ڪيترا پبلشر ٻارن لاءِ ڪتاب انهيءَ لاءِ ڇپائيندا آهن جو مرڪزي سرڪار جا ڪي وڀاڳ ۽ پرانتڪ سرڪاريون ٻين ڪتابن سان گڏ ٻارن جا ڪتاب بہ خريد ڪنديون آهن. خريد ڪيل ڪتاب ديش جي لئبررين، اسڪولن ۽ ٻين سنستائن کي موڪليا ويندا آهن جي گهڻو ڪري ڪٻٽن جو سينگار بڻجي رهجي ويندا آهن! اهي ڪتاب ٻارن تائين نہ پهچندا آهن. ڪتاب جن لاءِ لکيا ويا هجن، تن تائين ئي نہ پهچن تہ پوءِ ٻال ساهتيہ ڇپائڻ جو مقصد ڪهڙو؟ اهي ڇو نہ ٿا ٻارن جي ڪومل هٿن تائين پهچن؟ اچو تہ انهيءَ مسئلي جي ڇنڊ ڇاڻ ڪريون.

سڀ کان پهرين ڪتابن جي قيمت ڏسون. ٻارن

ڌيان ڏيڻ گهرجي.

سولي ٻوليءَ ۾ جيڪي ڪجهه لکجي اهو ٻال ساهتيه آهي، ائين نه آهي. ساڳيءَ طرح وڏا ليکڪ ٻارن لاءِ جيڪي لکن اهو سڀ ٻال ساهتيه ئي آهي، ائين به نه آهي. جن ۾ ٻار جي باري ۾ سوجهه، ٻار جي ضرورتن جي ڄاڻ ۽ ٻال مَن جي سمجهه هوندي سي ئي سٺو ٻال ساهتيه لکي سگهندا.

سٺو ٻال ساهتيه پهچڻ ٻارن تائين پهچائڻ جو ڪم سڀني ماڻهن کي ڪرڻ گهرجي. جيئن جي ٻين ضروري شين سان گڏ ٻارن کي سٺن پسنديءَ جو ساهتيه خريد ڪري ڏيڻ گهرجي. سٺن ڪتابن کان سواءِ ٻار جي سرواڻگي وڪاس ۽ اوجل مستقبل جي ڪامنا ڪرڻ اجائي آهي. ٻار کي جهڙيءَ طرح سٺس ٻنديءَ جون ٻيون شيون (راندڪا ۽ ڪپڙا وغيره) خريد ڪري آڻي ڏجن ٿا، تهڙيءَ طرح سٺا پستڪ ٻ خريد ڪري ڏيڻ گهرجن.

اسڪول ۾ پڙهندڙ ٻار اسڪولي ڪتابن سان گڏ آکاڻين، ناٽڪن ۽ گيتن وغيره جا ٻ ڪتاب پڙهن ٿا. هنن ۾ ٻال ساهتيه پڙهڻ جو شوق هوندو آهي. اسڪولي جيون کان ئي جيڪڏهن منجهن سماهل شوق کي همٿايو وڃي ته هو اڳتي هلي ٻال ساهتيه جا سٺا پاٺڪ بڻجن ٿا ۽ خود ساهتيه خريد ڪري

اهڙو ساهتيہ ٻارن کي وڻندو ڪونہ. ليکڪ جي سجاڳي ۽ سوجهہ ٻارن کي سندن ضرورت مطابق جو ساهتيہ ميسر ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿي. ٻئي طرف هر ڀاشا ۾ اهڙا انيڪ ليکڪ بہ ملندا جي ٻال ساهتيہ جي نالي مدي خارج وشين تي رچنائون لکي ٻارن جي ضرورت کي سنتوشڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. اهڙو ساهتيہ پڙهي ٻار ڏيري ڏيري ان کان ڪنارو ڪرڻ لڳن ٿا. ڪتاب صاف، تندرست ۽ وڻندڙ نموني لکيل هوندا تہ ٻارن جو انهن ۾ رس قائم رهي سگهندو.

ٻارن کي باتصوير ۽ رنگارنگي ڪتاب وڌيڪ وڻندا آهن. انهيءَ جي ڪري ئي هر ڀاشا ۾ رنگين مورتن وارن ڪتابن جو ٻگہ شروع ٿي ويو آهي. آکاڻي يا ڪوتا سان ٺهڪندڙ تصوير ڏيڻ سان ٻارن کي اهو ڪتاب ڏسڻ جي ۽ پڙهڻ جي چاهنا ٿئي ٿي. تنهن ڪري ٻارن جي ڪتاب ۾ نہ صرف تصويرون هئڻ گهرجن پر ان سان گڏوگڏ اهي سٺي ڪاغذ تي ڇپيل هجن، انهن جي سائيز ۽ بائينڊنگ وغيره بہ ڪشش ڪندڙ هئڻ گهرجي. اهڙين خوبين وارا ڪتاب تمام گهٽ انداز ۾ ڇپجن ٿا. ان ڪري ٻال ساهتيہ جي پبلشر کي ڪتابن جي ايڊيٽنگ، ڇپائي، چترڻ، بائينڊنگ، گيٽ اپ وغيره طرف جوڳو

رسالن جا جهونا انگ ۽ شاگردن کي پڙهڻ لاءِ ڏئي
سگهجن ٿا لئبرري انچارج ۽ اهو ڪم ڪري سگهي
ٿو. ڪيترن سٺن ڪتابن جي اڌ ياڪ ڪلاس ۾ جاڻ
ڏئي، وديارٿين جي سونهپ ڪري سگهي ٿو.

(ب) اسڪول طرفان ٻارن جا رسالا گهرائي ٻارن
کي پڙهڻ لاءِ ڏئي سگهجن ٿا. ڪلاس ماستر اهو
ڪم بخوبي ڪري سگهي ٿو. ڪيترن رسالن جا
جهونا انگ ۽ خريد ڪري سگهجن ٿا. استاد وٽ
چڱا رسالا جمع ٿي وڃڻ تي ٽي يا چار چار انگ
گڏا ڪري انهن تي جلد چاڙهائي رکي سگهجي ٿو.
جلد ٻڌڻ جو ڪم ٻارن کان ۽ ڪرائي سگهجي ٿو.
اهڙيءَ طرح هو رچناتمڪ ڪمن ڏانهن لاڙو رکندا.
شاگرد رسالن جا جلد گهر پڙهڻ لاءِ ۽ کڻي وڃي
سگهن اهڙو بندوبست استاد کي ڪرڻ گهرجي.
انهيءَ ڪم ۾ شروعات ۾ گهٽ انگ هٿ ڪري
ٿوري تڪليف ٿيندي پر جيئن جيئن انگن جو
تعداد وڌندو ويندو تيئن تيئن ڪلاس جي لئبرري
۽ وڌندي ويندي ۽ وڌيڪ وديارٿي انهيءَ جو
لاڀ وٺي سگهندا.

(پ) ڪلاس ۾ جيڪو سبق هلندو هجي تنهن
سان ٺهڪندڙ ڪيتريون آکاڻيون ۽ ڪوتائون
ٻال ساهتيه مان ملي سگهن ٿيون. استادن کي خود سجاڳ رهي
ساهتيه جو ابياس ڪرڻ گهرجي. سندن ابياس

پڙهن ٿا. انهيءَ سلسلي ۾ اُستادن کي اڳتي اچڻ گهرجي. وديارٿين ۾ بال ساهتيه پڙهڻ جو چاهه پيدا ڪرڻ لاءِ اسڪول ۾ ڪيتريون ئي مشغوليون اُسي سگهن ٿيون. ڪوئي ائين پڻ چئي سگهي ٿو ته شاگرد نه اڳ ۾ ئي درسي ڪتابن جي بوجهه هيٺ دٻيل آهن، وري ڪتاب پڙهڻ سان هنن جو بوجهه وڌي ويندو. پر حقيقت اها آهي ته درسي ڪتابن جي جيتري اهميت آهي، اوتري ئي اهميت ٻين سٺن ڪتابن جي به آهي. ٻنهي جي اهميت پنهنجي پنهنجي جڳهه تي آهي. درسي ڪتابن مان ٻارن کي گيان ملي ٿو ته سٺن ڪتابن دواران ٻارن جو مانسڪ وڪاس ٿئي ٿو. گڏوگڏ ڪين آنند به اچي ٿو.

بال ساهتيه کي ٻارن تائين پهچائڻ لاءِ اسڪولن ۾ ڪيتريون ئي مشغوليون ڪري سگهن ٿيون. جهڙوڪ:

(الف) وديارٿي پنهنجن اسڪولي ڪتابن سان گڏ ٻيا ڪتاب پڙهڻ جي به پاڻ ۾ عادت وجهن ان لاءِ اُستاد کي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ان لاءِ اسڪول جي لئبرريءَ ۾ جيڪي ڪتاب هجن تن جو لاڀ وٺي سگهجي ٿو. اُستادن کي لئبرريءَ جي ڪتابن کي ٻارن جي عمر-گروپ يا درجي وار الڳ الڳ ڪري پڙهڻ لاءِ ڏيڻ گهرجن. اسڪول ۾ موجود

جي چاهنا پيدا ٿيندي.

(ب) فرصت جي وقت ۾ نه اُستادن کي ٻال ساهتيه جي ڪتابن مان ڪا آکاڻي يا ڪوتا پڙهي ٻارن کي ٻڌائڻ گهرجي. اهي ٻڌي ٻار پاڻهي اهي ڪتاب يا ان جهڙا ٻيا ڪتاب پڙهڻ جي ڪوشش ڪندا.

(ت) ٻال ساهتيه جي ڪتابن جي ٻاري ۾ ٻارن کان رايا ڄاڻ وٺي سگهجن ٿا. ٻار ڪلي دل سان پنهنجو راءِ ڏيئي سگهن، پسندي - ناپسندي ٻڌائي سگهن اهڙو ماحول نه پيدا ڪرڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان ٻارن جو آتم وشواس وڌندو ۽ مدجهن وڌيڪ ڪتاب پڙهڻ جو نه شوق وڌندو.

ٻال ساهتيه ٻارن لاء آهي. ان ڪري اهو ٻارن تائين پهچائڻ جي جوابداري مکيه طور ماتن ۽ اسڪولن جي آهي. سڀ ماتت جيڪڏهن اها جوابداري نه نباهي سگهندا هجن ته گهٽ ۾ گهٽ اسڪولن کي ته اها جوابداري نباهڻ ٿي گهرجي.

وڌ ٻارڙين کي جدا جدا قسم جي رچنائن جي ٻاري ۾ صلاح ڏيڻ ۾ مددگار ٿيندو. هلندڙ سبق سان واسطو رکندڙ ٻال ساهتيه جي رچنائن جي ٻاري ۾ شاگردن کي ڄاڻ ڏيڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان شاگرد ٻال رچنائون پڙهي وٺندا، ساڻ گڏ گيان پڻ حاصل ڪندا.

(پ) ٻارٽنا وقت ۾ شاگردن اڳيان هڪ اڌ ڪوتا يا ٻال گيت يا آکاڻي ٻال ساهتيه جي ڪتابن مان ياد ڪري اچڻ لاءِ چوڻ گهرجي. شاگردن کي اها مشغولي ضرور وڻندي ۽ هو ڪجهه ٻڌائڻ لاءِ خود اڳتي ايندا. ڪتابن ۾ پڙهيل آکاڻيون، گيت، چرچا ۽ ٻوليون وغيره ٻارن کي ياد رهجي ويندا آهن. ان ڪري ائين ڪرڻ سان ٻارن ۾ ڪوتا يا آکاڻي پيش ڪرڻ جي ڪلا پڻ وڌندي ۽ ٻارن مان سنڪوچ نڪري ويندو. اهڙو پريوگ ڪلاس ۾ به ڪري سگهجي ٿو.

(ب) اها هڪ حقيقت آهي ته اسڪولي ڪتابن سان گڏ ٻيا ڪتاب ۽ رسالا پڙهڻ سان ٻارن جي ڀاشائي ڄاڻ وڌي ٿي. نوان نوان ڪتاب پڙهڻ سان ٻار انهن ۾ آيل ڏکيا لفظ سکن ٿا. انهن ڪتابن ۾ پڙهيل ڏکين لفظن جي معنيٰ پنهنجي استاد کان ٻنا حجاب پڇي سگهن، اهڙو واتاورڻ استاد کي پيدا ڪرڻ گهرجي. انهيءَ رِيت ٻارن ۾ وڌيڪ ساهتيه پڙهڻ

ئي غور ڪري ٻال ساهتيه جي رچنا ڪرڻ گهرجي جيئن سنڌيءَ ۾ به ٻين ٻولين وانگر ٻال ساهتيه جو ماترا ۽ معيار جي خيال کان وڪاس ٿي سگهي.

(3) سنڌي ادب جا وڏا ليکڪ ٻال ساهتيه لکڻ ۾ عار ڪندا آهن پر دنيا جي ڪيترن مهان ليکڪن جو مثال وٺندي، جن ٻارن لاءِ به خوب لکيو آهي، اسانجن سنڌي اديبن کي به ٻارن لاءِ لکڻ گهرجي. اهي اديب جيئن ته اڳ ئي ساهتيه سنسار سان جڙيل آهن ۽ نين لکڻ جو ڏانءُ به آهي، ٿوري ڪوشش ڪرڻ سان سٺيون رچنائون ڏيئي سگهن ٿا. ٻال ساهتيه لکڻ ۾ شرم نه جس سمجهڻ گهرجي.

(4) اسانجي جاتيءَ ۾ لکمي پتيا دان ڪري اسپتالون، مندر ۽ ڌرمشالائون وغيره ٺهرائڻ وارا گهڻا ئي داني پرش آهن، ڪرسيءَ ۽ نالي لاءِ پئسا پاڻيءَ وانگر وهائيندڙن جي به ڪمي نه آهي. ڪيڏو نه سٺو ٿئي جيڪڏهن سڄي هندستان مان صرف چند دل وارا سڄڻ ٿين ۽ آئينده جي اين لاءِ هڪ ٽرسٽ ناهي ٻال ساهتيه جي جوت جلائن. صرف هڪ اڌ لک جي اپٽ سان سٺي پبليڪيشن ٽرسٽ ٺهي سگهي ٿي، جنهن دوارا ٻارن جا ڪتاب موڙن سان ڇپائي سگهجن ٿا.

(5) 'ٻالڪن جي ٻوليءَ' جهڙيون ٻارن جون

ٻال ساهتيه جي واڌاري لاءِ اُپاءَ

ٻال ساهتيه جي وڪاس ۽ واڌاري لاءِ اِئين ته هر ڪو سڄاڳ ٻال ساهتيڪار پنهنجي پنهنجي وهنوار ۽ شڪتيءَ آهر ڪوششون ڪندو رهيو آهي پر تنهن هوندي به، ڪي اُپاءَ ضروري آهن جن سنڌيءَ ۾ به ٻين ٻولين وانگر ڪافي تعداد ۾ معياري ٻال ساهتيه ڇپجي سگهجي.

سنڌي ٻال ساهتيه جي واڌاري لاءِ هيٺيان اُپاءَ وٺي سگهجن ٿا.

(1) ٻال ساهتيه سستو ۽ سهڻو هئڻ گهرجي. اهو ٻارن جي خريد شڪتيءَ کان مٿي نه هجي جئن گهٽ ۾ گهٽ ٻارن جي هٿن تائين پهچي سگهي.

(2) ٻال ساهتيه لکندڙ ليکڪن کي ٻين ٻولين جي جديد ساهتيه جو اڀياس ڪري اهڙي ٻال ساهتيه جو سرجڻ ڪرڻ گهرجي جيڪو 'اڄ' سان وڌيڪ واسطو رکندڙ هجي. ٻال ساهتيه لکندڙ ليکڪن کي پراڻن گهسيل پٽيل وشين جو تياڳ ڪرڻ گهرجي. نون وشين جي تلاش جاري رکڻ گهرجي، ٻارن جي طلب ڇا آهي، ٻارن جو منووگيان ڇا آهي، ٻارن جي جدا جدا عمر جي تقاضا ڇا آهي وغيره جهڙين ڳالهين

طوفان ۾، گهٽ ۾ گهٽ سنڌي ڪتاب ڇپجڻ سان ڇپجڻ گهرجن. ٿي سگهي ته 'ٻال ڀارتي' جهڙي ماهوار مخزن اصولن سان شروع ڪئي وڃي. سنڌي ادارن کي ان باري ۾ سوچڻ گهرجي. في الحال ٽماهي رسالو به شروع ڪري سگهجي ٿو.

(9) مرڪزي ساهتيه اڪادميءَ جيان "ٻال ساهتيه اڪادمي" ٺاهڻ گهرجي، جا ڀارت جي سڀني ٻولين جي ٻال ساهتيه لاءِ ڪم ڪري. ان ذريعي ٻال ساهتيه جا سيمينار، انعامي چٽاڀيٽيون ۽ ڪتاب ڇپائڻ جو ڪم هر ٻوليءَ ۾ ڪيو وڃي. سنڌيءَ ۾ ته ٻن راڄن ۾ راڄيه سرڪار طرفان هيلتائين راڄيه سطح تائين ٻال ساهتيه اڪادميون ٺاهيون ويون آهن. ٻيا راڄيه به انهن جي پيروي ڪري سگهن ٿا.

(10) مٿين سڀني ڳالهين کان وڌيڪ اهم ۽ بنيادي ڳالهه اها آهي ته سنڌي ٻارن کي سنڌي ضرور سيکاري وڃي، جيڪڏهن سنڌي ٻار سنڌي نه پڙهندا ته سنڌيءَ ۾ ڇپيل ٻال ساهتيه ڪير پڙهي سگهندا؟ سنڌي پڙهندڙ ٻارن جو جيترو تعداد وڌندو ته ٻال ساهتيه جي پاٺڪن جو به انداز وڌندو.

سنسٿائون برپا ڪري هندستان ڀر ۾ انهن جون شاخائون کولي سگهجن ٿيون، جتي ٻار پاڻ ۾ گڏجي چرچائون ڪن، ٻارن جا ڪتاب پڙهن، چٽاڀيٽيون ڪن. انهين ڪرڻ سان ٻارن جو ساهتيه ڏانهن لاڙو ٿيندو. گڏوگڏ ٻال ساهتيه جا پاٺڪ به وڌندا.

(6) هندستان ۾ ڪيترائي سنڌي اسڪول آهن جن ۾ ڪافي تعداد ۾ ڪتاب لئبررين جي ڪبٽن ۾ سڙي رهيا آهن. ڪتابن جي وڏي پئماني تي خريدي ٿئي ٿي پر اهي ودياريٿين تائين نٿا پهچن، اهو خزانو تڏهن ئي صحيح معنيٰ ۾ خزانو چئي سگهبو جڏهن ان جو اپيوگ ٿئي. اهي ڪتاب ٻارن تائين پهچندا ته هنن جو وڌيڪ ڪتاب پڙهڻ لاءِ شوق جاڳندو.

(7) ٻارن کي ٻال ساهتيه کان واقف ڪرڻ لاءِ سنسٿائن طرفان نماءُ ۽ چٽاڀيٽيون وغيره به رکي سگهجن ٿيون.

(8) ڀين ٻولين جو ٻال ساهتيه ڇپائڻ ۾ سرڪاري ادارا جيترو ڪارج ڪري رهيا آهن، ان جي ڀيٽ ۾ سنڌيءَ طرف هنن جو رخ نراشاجنڪ رهيو آهي. غيرسرڪاري مشهور سنسٿا نئشنل ٻوڪ ٽرسٽ جي نهرو ٻال پستڪاليه يوجنا هيٺ سنڌي ڪتاب به ڇپجڻ گهرجن. مرڪزي سرڪار جي پرڪاشن وڀاڳ ۽ سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ جي سنڌي اوره

ٻال ساهتيه تي ڪتاب

- ☐ ٻال ساهتيه جو وڪاس
- ☐ ٻارن جا لوڪ گيت
- ☐ ٻال ساهت ۽ سنڌيءَ ٻران جي اهميت (ايڊٽ ڪيل)

چونڊ مجموعا

- ☐ چونڊ سنڌي ٻال ڪهاڻيون
- ☐ گجراتي ساهتيه جا چونڊ ٻال ناٽڪ
- ☐ گجراتي ساهتيه جا چونڊ ٻال گيت
- ☐ دنيا جون ڀهترين ٻال ڪهاڻيون

هنديءَ ۾

- ☐ ٻهتر مانو (روبوٽ جو اتهاس ۽ ڪهاڻي)
- ☐ سنڌي ڪي ٻال گيت (33 سنڌي ٻال گيتن جو ترجمو)
- ☐ سنڌي لوڪ ڪهانيان (ٻين ليکڪن سان گڏ لکيل)

گجراتيءَ ۾

- ☐ چوڏو واندرو (ست ٻال ڪهاڻيون)

ٻين ٻولين جي ٻال ساهتيه جو ترجمو

- ☐ نيڪ نيمگر (ٻارن جي هندي ناول جو ترجمو)
- ☐ هڪ گناهه معاف (يشونت مهتا جي ڪهاڻين جو ترجمو)
- ☐ ست جادوگر (هنديءَ جون ٻال ڪهاڻيون)
- ☐ ٻرف جو پتلو (" ")
- ☐ سنڌو ڪيئن سڌريو (وڌ راهيءَ جو ناٽڪ)
- ☐ آڪاشي ڪوئو (يشونت مهتا جون چتر ڪٿائون)

هوندراج بلواڻيءَ جو ٻال ساهتيه

سنڌيءَ ۾

- ☐ ڇوٽون ٻاندر (ٻال ڪهاڻيون)
- ☐ جادو نگري (” ”)
- ☐ ٻهوءَ جو پيارو موٽي (” ”)
- ☐ پاليش وارو (” ”)
- ☐ ڪوٺي لڌي هٿڊ ڳڙي (ٻهاڪن لئي ڪهاڻيون)
- ☐ ٽارن ڀري رات (لمبي ڪهاڻي)
- ☐ هڪڙو هو راجڪمار (ننڍڙو ناول - ٻه ڇاپا)
- ☐ انمول موٽي (ٻه - فصلو ناٽڪ)
- ☐ ڏهين جو نوٽ (ايڪانڪي ناٽڪ)
- ☐ رنگ رنگيلي محفل (ريڊيو روپڪ)
- ☐ راجوءَ جي ٽوپي (لوڪ ڪهاڻيون)
- ☐ ساڌو راجا (لوڪ ڪهاڻيون)
- ☐ ڪٺمنڊڙا (ٻال گيت)
- ☐ ٻنسري (” ”)
- ☐ هيرا موتي (” ”)
- ☐ ٻارن جو ڳجو ڀائي (ڳجو ڀائيءَ جو جيون ۽ رچنائون)
- ☐ دنيا رنگ رنگيلي (عجيب غريب ڳالهيون)
- ☐ ڪاڪو ڪوڏومل (مذاقي رچنائون)
- ☐ نئي ڪهوڙي (” ”)
- ☐ شاهوڪار ڪونو (انوار سهيليءَ مان آکاڻيون)
- ☐ گيان جو خزانو (چارٽ ڏيندڙ ليکڪ)
- ☐ ٻيربل جو ٻاغ (تيدالي رام لي ڪتاب)

☐ چون چون چاچو (چتر ڪٿائون)
☐ ايسپ جون آکاڻيون
☐ نانيءَ جي عجيب ڪرسي (آئرلئنڊ ۽ اسڪاٽلئنڊ جون ڪهاڻيون)
☐ راجا جي ٻلبل (ڊينمارڪ، آمريڪا ۽ روشيا جون ڪهاڻيون)
☐ راجڪماري سيپٽمبر (انگريزيءَ جون مشهور ”)
☐ گلن جي ٽوڪري (انگلئنڊ، جرمني ۽ پارس جون ڪهاڻيون)
☐ وير ناريون (پارس جي وير نارين جا پرسنگ)
☐ ڪاروڪانءُ ۽ پورو گڏھ (تصويرن ۾ ڪهاڻي)

ٻيا ٻال پستڪ ۽ پستڪائون

☐ گلڙا گلستان جا ☐ نديو سفيد ماڻهو
☐ ٽهڪن لاءِ ٽول ☐ ڪل گهڻو جيءُ گهڻو
☐ ڏياريءَ جو ڏيئو ☐ چرچا مهاپرشن جا
☐ جادوءَ جو ڪٽورو ☐ لعل بهادر شاستري
☐ ڇهر لهر ڇٽڻي ☐ سوناپري
☐ ٽي باندر ☐ گول گپا
☐ ٽهڪ ٽي ٽهڪ ☐ ٻہ راجڪمار
☐ سهيو پروليون ☐ ڪٿا مٿا گول گپا
☐ چريت راجا ☐ ٽام هڪ ڇوڪرو هو

۽ ٽنهن ڪانسواءِ

وڏن لاءِ ڪهاڻين ۽ مضمونن وغيره جا ويهارو ڪن ڪتاب ۽ اڪيچار رچنائون سنڌي، هندي، گجراتي، مراٺي، پنجابي، انگريزي، بنگالي، اردو، راجستاني ڀاشائن جي رسالي ۾ ٽڙيل پکڙيل.

هوندراج ٻلواڻي! گهڻيرا پل اکين ۾ خاموش
لڏجي ۾ ڳالهائيندڙ. سنڌي ٻولي ۾ ڪلاڪ جو ٻڪو ٿيوان.
ٻارڙن جي ادبي ڪيتر جو ڪٽڇار. ادو هـــوندراج!
ڌيرج سچاءَ وارو مٺڙو پيارو ادو جڏهن ڪي اڄ به
پنهنجي گهر جي آڳر ۾ ننڍڪلي ويهندي آهيان ته
ياد ڪندي آهيان. ماڻهو نارمل رهڻ لاءِ ٽائيم ٽيبل
تي زندگي گذاريندا آهن پر آئون پنهنجي پيار جي
تشفيءَ لاءِ وقت به وقت هوندراج کـي ساريندي
آهيان. چٺي چپاٽي، خط پٽ جي پــل ڪانسواءِ ٽي
سندس پيار مون کي هندپار ڪندو آهـي. ۽ آئون
محض ثواب خاطر ڪيس ساري جڳ پاڻ کي سيراب
ڪندي آهيان.

- خيرالنسا جعفري
(”مارو ريءَ مليرُ“ سفرنامي تان)

bal sahitya jo vikas

☐ hundraj balwani ☐ price: rs. 5-40